سال (18) جمعو 12 ڊسمبر 2025ع 20 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (82)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) جمعو 12 ڊسمبر 2025ع 20 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (119)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Friday 12th December 2025

فيصلي سان واضح پيغام مليو آهي ته فيض حميد غير قانوني ڪم ڪري رهيو هو: پ پ چيئرمين

پي ٽي آءِ ڪي پي ڪي ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ لاءِ وفاق کي مجبور ڪري رهي آهي: بلاول ڀٽو

فيض حميد بابت تاريخي فيصلو آيو آهي ۽ وڌيڪ ٽرائل اڃا جاري آهي، فيض حميد وٽ اپيل لاءِ ٻه فورم، هوندا، خيبر پختونخواهه ۾ گورنر راڄ بابت باقاعدي ڳالهيون ناهن ٿيون

پي ٽي آءِ جي دور ۾ فريال ٽالپر ۽ مريم نواز کي ٽارگيٽ ڪيو ويو، اڄ عمران خان پاڻ جيل ۾ آهي، جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي، پي ٽي آءِ باني وزيراعظم طور طاقت جي نشي ۾ ڌمڪيون ڏيندو هو

پي ٽي آءِ سياست ۾ غلط روايتون وڌيون، نفرت جي سياست کي هٿي ڏني، اسان ته آئيني عدالت به ٺاهي ورتي آهي، آئيني عدالت جو قيام، پ پ جي وڏي ڪاميابي آهي

فاق جون مالي ذميداريون گهٽائڻ لاءِ سيني کي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، پ پ سهڪار جاري رکندي، صوبي جا اختيار گهٽائڻ بنا وفاق جون ذميداريون گهٽائي سگهجن ٿيون

چنيوٽ (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري فيض حميد خلاف فيصلي کي تاريخي قرار ڏيندي چيو آهي ته فيصلي سان واضح پيغام مليو آهي ته فيض حميد غير قانوني ڪم ڪري رهيو هو چنيوٽ ۾ صحافين سان ڳالهائيندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته فيض حميد بابت تاريخي فيصلو آيو آهي ۽ وڌيڪ ٽرائل اڃا جاري آهي، فيض حميد وٽ اپيل لاءِ ٻه فورم هوندا، هن چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ گورنر راڄ بابت باقاعدي ڳالهيون ناهن ٿيون، گورنر راڄ هڪ آئيني آپشن موجود آهي، پي ٽي آءِ وفاق کي مجبور ڪري رهي آهي ۽ اهي پاڻ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ چاهين ٿا. سنڌس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ فريال ٽالپر ۽ مريم نواز کي ٽارگيٽ ڪيو ويو اڄ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور: پ پ چيئرپرسن بلاول ڀٽو زرداري گوال منڊي ۾ عوام سان ڳالهائي رهيو آهي

سعودي عرب ۾ حفظ ۽ تلاوت قرآن بابت شاهه سلمان ايوارڊ لاءِ 70 لک ريال جي انعام جو اعلان

رياض (اي پي پي) خادم الحرمين الشريفين
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب جي پرڏيهي وزير سان برطانوي هم منصب جو فون، عالمي صورتحال ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ڳالهيون

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد ڏوهي قرار، 14 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا جو حڪم

اڳوڻي ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد تي سياسي سرگرمين ۾ ملوث هجڻ، آفيشل سيڪريٽ جي ڀڃڪڙي ڪرڻ، اختيارن ۽ سرڪاري وسيلن جي غلط استعمال ۽ ماڻهن کي مالي نقصان پهچائڻ جا الزام ثابت

فيض حميد خلاف پاڪستان آرمي ايڪٽ جي شقن تحت فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل جي 15 مهينن تي ٻڌل ڪارروائي 12 آگسٽ 2024ع تي شروع ڪئي وئي هئي، ملزم تي الزامن تحت ڪيس هلايو ويو

ڪيس سياسي سرگرمين ۾ ملوث هجڻ، سرڪاري راز جي قانون جي ڀڃڪڙي، اختيارن ۽ سرڪاري وسيلن جي غلط استعمال ۽ ماڻهن کي غلط مالي نقصان پهچائڻ بابت هو: ترجمان آءِ ايس پي آر

فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل سمورين قانوني شقن جي تعميل ڪئي، ملزم کي سندس پسند جي دفاعي ٽيم سميت سمورا قانوني حق فراهم ڪيا ويا، مجرم لاڳاپيل فورم تي اپيل جو حق رکي ٿو

سياسي عنصرن سان گڏجي مخصوص سياسي اشتعال انگيزي ۽ عدم استحڪام، کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪجهه ٻين معاملن ۾ مجرم جي شموليت کي ڌار اڪلايو پيو وڃي: پاڪ فوج جو ترجمان

راولپنڊي (اي پي پي) فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل پاڪ فوج جي اڳوڻي ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد تي سياسي سرگرمين ۾ ملوث هجڻ آفيشل سيڪريٽ جي ڀڃڪڙي ڪرڻ اختيارن ۽ سرڪاري وسيلن جي غلط استعمال ۽ ماڻهن کي مالي نقصان پهچائڻ جا الزام ثابت ٿيڻ تي 14 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي آهي پاڪ فوج جي سڌ سماءَ واري شعبي آءِ ايس پي آر مطابق اڳوڻي ليفٽيننٽ جنرل فيض حميد خلاف پاڪستان آرمي ايڪٽ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ليفٽيننٽ جنرل (ر) فيض حميد

فيض حميد خلاف فيصلو سچ جي فتح قرار، قانون کان ڪير به مٿانهون ناهي: وفاقي حڪومت

اڳوڻو ڊي جي آءِ ايس آءِ سمورن الزامن جو مرتڪب ٿيو، فوج ۾ خود احتسابي جو عمل تمام گهڻو مضبوط آهي

فيض حميد کي 15 مهينن تائين جاري رهندڙ ٽرائل مڪمل ٿيڻ کانپوءِ ثبوتن جي بنياد تي سزا ٻڌائي وئي: عطاءُ الله تارڙ

فيض حميد تي رٽائرمينٽ کانپوءِ سياسي سرگرمين ۾ شرڪت تي پابندي هئي، ان جي باوجود هو پي ٽي آءِ جو سياسي صلاحڪار رهيو

فيض حميد کي ٽرائل دوران مڪمل موقعو فراهم ڪيو ويو ته هو پنهنجو دفاع ڪري ۽ پنهنجي حق ۾ گواهه پيش ڪري

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ اڳوڻي ڊي جي آءِ ايس آءِ فيض حميد جي خلاف فيصلي کي حق ۽ سچ جي فتح قرار ڏيندي چيو آهي ته قانون کان ڪير به مٿانهون نه آهي. فيض حميد سمورن الزامن جو مرتڪب ٿيو فوج ۾ خود احتسابي جو عمل تمام گهڻو مضبوط آهي جنهن جو
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان واپڊا چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد سعيد جي ملاقات، لاڳاپيل معاملن تي بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سان واپڊا چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد سعيد ڪالهه خميس ڏينهن ملاقات ڪئي وزيراعظم آفيس جي
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ سبب عليمه خان جا ضمانتي مچلڪا ضبط ڪرڻ جو حڪم

عليمه خان سميت 11 جوابدارن جي خلاف 26 نومبر جي احتجاج تي داخل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالتي ڪارروائي ملتوي ٿيڻ کان پوءِ عليمه خان پنهنجي وڪيل سان گڏ عدالت پهتي

اسلام آباد (هر د) دهشتگردي جي انت واري عدالت عليمه خان جا ضمانتي مچلڪا ضبط ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ٽيڪس ٽو جي ڊي پي شرح جي 11 سيڪڙو هدف لاءِ ڪوششون تيز ڪيون وڃن: وزيراعظم

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ ايف بي آر جي معاملن جي حوالي سان هفتيوار جائزه اجلاس ٿيو

سگريٽ سازي جي غيرقانوني فيڪٽرين خلاف موثر ڪارروائي تي ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي شاباس

ايف بي آر جي ٽيڪس چورن ۽ غيرقانوني فيڪٽرين خلاف قدمن ۾ صوبائي حڪومتن کي ايف بي آر سان مڪمل تعاون ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ٽيڪس ٽو جي ڊي پي شرح جي 11 سيڪڙو جي هدف کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ ۽ ٽيڪس اوڳاڙين جي هدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٽيڪس جي دائري کي وڌيڪ وڌائڻ جي هدايت ڪئي آهي ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

شام ۾ اسمگلنگ لاءِ تيار ميزائلن جو گودام هٿ ڪيو ويو

دمشق (اي پي پي) شام ۾ گولاني علائقي درعا ۾ اسمگلنگ لاءِ تيار ميزائلن جو
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار سان آئرلينڊ لاءِ مقرر پاڪستان جي نامزد سفير مريم آفتاب جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار سان آئرلينڊ جي لاءِ پاڪستان جي نامزد سفير
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اشڪ آباد: وزيراعظم شهباز شريف ترڪمانستان جي صدر سردار بربي محمدوو سان ملاقات ڪري رهيو آهي

افغانستان جي سرزمين دهشتگرد حملن جي لاءِ استعمال ڪئي پئي وڃي: پاڪستان

افغان قيادت پنهنجي سرزمين جي غلط استعمال کي ختم ڪرڻ جي لاءِ لکت ۾ خاطري ڪرائي

افغانستان جي سرزمين ڪنهن ٻئي ملڪ کي خطرو يا نقصان پهچائڻ جي لاءِ استعمال نه ٿيڻ گهرجي

ٽي ٽي پي، فتنه الخوارج ۽ فتنه الهندستان سميت دهشتگرد عنصر جيڪي افغان سرزمين تان آپريٽ ڪري رهيا آهن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان پنهنجي ان موقف کي ورجايو آهي ته افغانستان جي سرزمين دهشتگرد حملن جي لاءِ استعمال ڪئي پئي وڃي جنهن ۾ ڀارت جي ملوث هجڻ جا واضح اشارا مليا
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف سان دفاعي پيداوار واري وفاقي وزير رضا حيات هراج جي ملاقات

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

آمريڪي نمائندن واري ايوان ۾ 901 ارب ڊالرن جي دفاعي بل جي منظوري

بل جي حمايت ۾ 312 ووٽ ۽ مخالفت ۾ 112 ووٽ پيا، بل منظوري لاءِ سينيٽ موڪليو ويو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي نمائندن واري ايوان اينڊڙ سال لاءِ نيشنل ڊفينس آٿرائيزيشن ايڪٽ (اين ڊي اي اي) جي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم شهباز شريف ترڪمانستان جي ٻن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي اشڪ آباد پهچي ويو

اشڪ آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

صوبائي مسئلن جي حل لاءِ سياسي پارٽين کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: گورنر فيصل ڪريم

صوبي ۾ امن انتهائي ضروري آهي، امن جو قيام وفاق ۽ سيڪيورٽي فورسز جي مدد کانسواءِ ممڪن نه آهي

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخواهه جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته صوبي کي جيڪي مسئلا درپيش آهن انهن جي حل لاءِ سمورين سياسي پارٽين کي گڏجي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ هڙئي خيالن جو اظهار
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

پاڪستان آمريڪا ۽ چين ٻنهي سان تعميري لاڳاپا برقرار رکڻ جي بهترين پوزيشن ۾ آهي: ناڻي وزير

چئاپيڊي ايجنڊا لاءِ ترقياتي حصيدارن ۽ عالمي ڪيپيٽل مارڪيٽس مان پرڏيهي مالي معاونت اڻٽر رهندي

موسمياتي تبديلي پاڪستان لاءِ وڏندڙ حقيقت آهي، جنهن سان مالي ۽ انساني نقصانن جو خطرو وڌي رهيو آهي

پاڪستان آمريڪا ۽ چين ٻنهي سان تعميري لاڳاپا برقرار رکڻ جي بهترين پوزيشن ۾ آهي: وفاقي وزير محمد اورنگزيب

رياض (اي پي پي) ناڻي ۽ محصولن واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان آمريڪا ۽ چين ٻنهي سان تعميري لاڳاپا برقرار رکڻ جي بهترين پوزيشن ۾ آهي، جنهن سان مستحڪم
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: واپار وارو وفاقي وزير جام ڪمال خان ترڪ واپارين جي وفد جي سربراهه کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

پرڏيهي وزارت ۾ ايڊيشنل سيڪريٽري (يورپ) پاران ناروي جو سفير طلب

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر حسين اندرابي چيو آهي ته
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم پاران مراڪش ۾ ٻن رهائشي عمارتن جي ڊهڻ سان قيمتي جانين جي نقصان تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

افغانستان دهشتگردن لاءِ محفوظ پناهگاهه آهي: پاڪستان

فغانستان سرزمين تان دهشتگردي پاڪستان لاءِ سڀ کان وڏو خطرو آهي

پاڪستان گذريل 4 سالن دوران طالبان عملدارن سان باقاعدي رابطا ڪيا

گذيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گذيل قومن ۾ خبردار ڪيو آهي ته افغانستان دهشتگردن لاءِ محفوظ پناهگاهه بڻجي
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وفاقي گهرو وزير سان اردن جي هم منصب جي ملاقات، ٻطرفي سهڪار تي اتفاق

گهرو وزير محسن نقوي مازن عبدالله هلاڪ الفراير کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏني

برسلز (اي پي پي) گهرو معاملن بابت وفاقي وزير محسن نقوي سان اردن جي هم منصب مازن عبدالله هلاڪ الفراير ملاقات ڪئي
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

چارسده ۾ فائرنگ، 2 عورت ٽيچرز مارجي ويون

فائرنگ جو واقعو چارسده جي علائقي ٽڙانگ قبرستان جي ڀرسان پيش آيو

ٻئي ٽيچرز اهن اسڪول ۾ ڊيوٽي لاءِ وڃي رهيون هيون ته موت جو ڪاڄ بڻجي ويون

چارسده (هر د) چارسده ۾ فائرنگ سبب 2 عورت ٽيچرز مارجي ويون پوليس موجب فائرنگ جو واقعو چارسده جي علائقي
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: زرعي يونيورسٽي ۾ شاگرديائيون تصويرن جي نمائش ڏسي رهيون آهن

سنڌ حڪومت شهري آبادي جي پاڻي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻي رهي آهي: وڏو وزير

مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچيءَ ۾ پاڻي جي سنگين بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو

ايڊوانس پريشرائزڊ پائپ لائين سسٽم ذريعي شهر ۾ پاڻي ڪوٽ جو مستقل حل تيار ڪيو پيو وڃي: بريفنگ

بُلڪ واٽر سپلائي پروجيڪٽ ڪينجهر ڍنڍ کان ڪراچي تائين صاف پاڻي پهچائڻ جو سڀ کان وڏو منصوبو هوندو

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ڪراچيءَ ۾ پاڻي جي سنگين بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ هڪ اهم ۽ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ صوبائي وزير
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شام سان ٿيل سيڪيورٽي معاهدي بابت جاري ڳالهين ۾ رڪاوٽن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي: اسرائيل

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيل جي پرڏيهي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ثقافتي ڏهاڙي تي گرفتار ٿيل 12 ڄڻن جون ضمانتون منظور

سٽي ڪورٽ ۾ پيچ ڏاهه جي الزام هيٺ گرفتار جوابدارن جي ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

عدالت پاران هر هڪ جوابدار کي 50، 50 هزار رپين جا مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سٽي ڪورٽ شاهرا فيصل تي سنڌي ثقافتي ڏهاڙي تي ريلي فساد، پوليس مقابلي قتل جي ڪوشش ۽
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

وڳڻ پرسان هلندڙ خوني تڪرار جو نبيرو، مجموعي طور ڏرين تي 6 ڪروڙ 18 لک ڏنڊ مقرر

لعلورائنڪ جي سولنگي ۽ مغيري برادرين ۾ تڪرار جو نبيرو نواب سردار خان چانڊيو جي سرپنچي هيٺ ٿيو

غلام صديق مغيري جي ڌر تي پنج خون ثابت ٿيڻ تي مغيرين تي چار ڪروڙ 68 لک ڏنڊ مقرر

عبدالجبار سولنگي ڌر تي مغيرين جا ٻن قتل ۽ زخمي ثابت ٿيڻ تي هڪ ڪروڙ پنجاهه لک ڏنڊ لڳايو ويو

وڳڻ (ن ع) وڳڻ پرسان پنجن سالن کان هلندڙ خوني تڪرار جو سردار خان چانڊيو جي سرپنچ هيٺ راڄوڻي نبيرو، مغيري برادري جي غلام صديق مغيري تي پنج
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

وڳڻ: پ پ ايم پي اي سردار خان چانڊيو جي سرپنچي ۾ تڪرار جو نبيرو ٿي رهيو آهي

ڪراچي ۾ گهر ۾ گئس ليڪ ٿيڻ سبب ڌماڪو هڪ عورت ۽ پنج ٻار زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) برگيڊ ٿاڻي جي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ لکين رپيا ماليت جا هٿ ڪيل موبائل فون حقيقي مالڪن حوالي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي جاويد عالم اوڍو ڪراچي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

اتر وزيرستان ۾ بارودي مواد ڦاٽڻ سبب مدرسي ۾ ڌماڪو، 2 ٻارڙا شهيد، 8 زخمي

زخمي ٻارن کي فوري طور تي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندن علاج ڪيو پيو وڃي

خوارج خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي گهٽائڻ ۽ سيڪيورٽي فورسز جو رستو روڪڻ لاءِ بارودي سرنگهون وڇايون

پاڪ فوج طرفان علائقن کي بارودي مائيننگ کان پاڪ ڪرڻ جو مقصد عوام کي حادثن کان محفوظ رکڻ آهي

اتر وزيرستان: (هر د) اتر وزيرستان جي گوٽ عيسوڙي ۾ خوارج جي ڇڏيل پراڻي ڌماڪيدار مواد ڦاٽڻ سبب مدرسي ۾ ڌماڪو ٿيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه معصوم ٻار شهيد ٿي ويا جڏهن ته اٺ زخمي ٿي پيا. زخمي
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ميڪسيڪو منشيات وڪرو ڪندڙ گروهه تي آمريڪي فوجي ڪارروائي جي تجويز رد ڪري ڇڏي

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ميڪسيڪو
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ عوامي آواز کي دٻائڻ لاءِ رياستي مشينري کي استعمال ڪيو پيو وڃي: زين شاهه

سکرنڊ ۾ ايس يو پي جي حامين خلاف داخل من گهڙت ڪيس پ پ گردي جي واضح مثال آهي

صوبي کي مڪمل طور پوليس اسٽيٽ بڻايو ويو آهي جيڪو افسوسناڪ ۽ شرمناڪ عمل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ درياءُ سنڌ بچايو تحريڪ جي ڪنوينر سيد زين شاهه پيپلز پارٽي جي
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪڇهه اخبارن ۽ سوشل ميڊيا تي شايع ٿيل حج جي خادمن بابت اشتهار ڪوڙا قرار

پشاور جي هڪ اخبار ۾ 8 ڊسمبر 2025ع تي حج جي خادمن جو اشتهار جعلي آهي: اختياريون

اسلام آباد (اي پي پي) مذهبي معاملن واري وزارت ڪجهه اخبارن ۽ سوشل ميڊيا تي شايع ٿيل حج جي خادمن بابت اشتهار
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سنڌ جا جبل، ريگستان، درياهه ۽ سمنڊ صوبي جي سڃاڻپ آهن: مراد علي شاهه

جبل قدرتي حسن، ماحولياتي توازن ۽ وسيلن جي تحفظ جي بنيادي علامت آهن

پهاڙي علائقن جي قدرتي وسيلن جي حفاظت لازمي آهي: عالمي ڏينهن جي موقعي تي پيغام

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جبلن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي خاص
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

عدليه بين المذاهب هم آهنگي، برابري، مذهبي آزادي جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي: چيف جسٽس يحيٰ آفريدي

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ۾ ڪرسمس ڊي بابت خصوصي تقريب ڪوٺائي وئي، ڪرسمس جو جشن ملهايو ويو

سپريم ڪورٽ آف پاڪستان ملڪ ۾ ثقافتي ۽ مذهبي جدت کي هٿي ڏيڻ لاءِ مسلسل پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي چيو آهي ته بين المذاهب هم آهنگي، برابري، مذهبي آزادي، انساني وقار ۽ پاڪستان جي آئين جا بنيادي اصول
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ آئيني بينچ پاران گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت ڏنل درخواستن تي آءِ جي، گهرو کاتي ۽ ٻين کي نوٽيس جاري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ /
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گورنر سان ڊينمارڪ سفير جي ملاقات، ٻطرفي لاڳاپن واپار سيڙپڪاري ۽ اقتصادي تعاون تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊينمارڪ سفير ماجا
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ڊينمارڪ جي سفير ماجا موٽينسن گورنر ڪامران ٽيسوري سان ملاقات ڪري رهي آهي

دادو ۾ نوجوان اڳواڻ تي ڪيس داخل ڪرڻ نسطائيت جي بدترين مثال آهي: ايس يو پي ترجمان

ايف آءِ آر اصل ۾ ظلم، جبر ۽ ڪرپشن خلاف اڀرندڙ آواز کي دٻائڻ جي ناڪام ڪوشش آهي

سپريم ڪورٽ جو چيف جسٽس ڪوڙي ۽ بدنيتي تي ٻڌل ايف آءِ آر جو فوري نوٽيس وٺي: مطالبو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي ترجمان خواجه نويد امين ايڊووڪيٽ سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت صفائي ۽ صاف پاڻي جي فراهمي وارن منصوبن تي عمل ڪري پئي: ناصر شاهه

عوام کي موسمياتي تبديلين کان بچاءَ وارو انفراسٽرڪچر مهيا ڪرڻ پهرين ترجيح آهي

واش منصوبن ۾ ضلعي ۽ صوبائي سطح تي جامع منصوبابندي، شفافيت لازمي قرار ڏني وئي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو آهي ته سنڌ حڪومت صفائي، صاف پاڻي جي فراهمي ۽
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان 1.2 ارب ڊالرن جي قسط ملي وئي

آءِ ايم ايف ايگزيڪيوٽو بورڊ 8 ڊسمبر 2025ع تي توسيعي فنڊ سهولت تحت پيو جائزو مڪمل ڪري ورتو

آءِ ايم ايف جي ايگزيڪيوٽو بورڊ آر ايس ايف تحت 154 ملين ايس ڊي آر کي پهرين قسط جاري ڪرڻ جي به منظوري ڏني

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان کي آءِ ايم ايف کان 1.2 ارب ڊالرن جي قسط ملي وئي اسٽيٽ بئنڪ طرفان گذريل ڏينهن جاري بيان مطابق عالمي مالياتي فنڊ (آءِ ايم ايف) جي ايگزيڪيوٽو بورڊ 8 ڊسمبر
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: فوڊ اينڊ ايگريڪلچر آرگنائزيشن جو آفيسر انچارج جيمس رابرٽ وفاقي وزير احسن اقبال کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت

ايئرپورٽ ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ واٽهڙو عورت ڪرينا زال هري رام فوت ٿي وئي

اسٽار گيٽ جي ويجهو روڊ حادثي ۾ 55 سالن جو محمد ناصر ولد حسن خان فوت ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۾ عورت سميت 3 ڄڻا فوت ٿي ويا. ايئرپورٽ چوڌا گيٽ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ واٽهڙو عورت فوت ٿي وئي. فوت ٿيل عورت کي ڇيپا ايمبوليئنس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو پيو وڃي. فوت ٿيل عورت جي
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

آمريڪا پاران پاڪستاني فضائيه جي، ايف-16 ٻيڙي لاءِ 686 ملين ڊالرن جي اپ گريڊ پيڪيج جي منظوري

ڊي ايس سي اي جي نوٽيفڪيشن کانپوءِ 30 ڏينهن جو پارلياماني جائزي جو باضابطه طور تي مُدو شروع ٿي ويو

مستقبل جي امڪاني آپريشنز لاءِ آمريڪي ۽ اتحادي فورسز سان انٽرو آپريبلٽي برقرار رکڻ ۾ مدد ملندي: رپورٽ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪا پاڪستان ايئر فورس (پي اي ايف) جي ايف-16 ٻيڙي لاءِ وڌيڪ 686 ملين ڊالرن جي اپ گريڊ پيڪيج جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي ان ڳالهه جو انڪشاف آمريڪي ڊفينس
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر راجپوت ۽ ٻين قائداعظم جي مزار تي حاضري ڀري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ظفر راجپوت، سينئر جسٽس اقبال ڪلهوڙو، جسٽس فيصل
بقايا نمبر 47 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عالمي بينڪ جي سهڪار سان ترقي لاءِ ڪم ڪري پئي: جام خان شورو

آبپاشي کاتي سکر بئراج جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هائيڊرولڪ اسٽڊي مڪمل ڪئي آهي

درياءَ جي وهڪري، پاڻي جي ورڇ ۽ ٽيڪنيڪل گهرجن بابت ورلڊ بينڪ جي ٽيم سان گڏ ڪم جاري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي آبپاشي کاتي سکر بئراج جي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هڪ هائيڊرولڪ اسٽڊي مڪمل ڪئي آهي. جنهن جي سلسلي ۾ ڪراچي جي بوٽ بيسن علائقي ۾ هڪ ڏينهن جي
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي سجاول لڳ نوجوان ۽ عورت کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪرڻ جو نوٽيس وٺي رپورٽ طلب

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي
بقايا نمبر 48 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي: سليم بلوچ

پراڻيون اسڪيمون وقت تي مڪمل نه ٿيڻ تي ڪاوڙ، غير ذميوار آفيسرن ڪارروائي جي هدايت

اسڪيمن جي مڪمل نه ٿيڻ تي لاڳاپيل ٺيڪيدارن کي بليڪ لسٽ ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڏي وزير جي پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ ۽ ٻهراڙي ترقي بابت خاص مددگار محمد سليم بلوچ جي صدارت هيٺ سکر ڊويزن جو اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ سيڪريٽري سهيل احمد
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير شزه فاطمه خواجه اجلاس جي صدارت ڪري رهي آهي

قومي مفادن ۾ سياسي ڊائلاگ ئي سڀني مسئلن جو واحد حل آهي: ڪاشف سعيد

ملڪ ۾ مائنس پلس جي سياست بدران جيڪڏهن قابليت، امانت ۽ ديانت کي ترجيح ڏني وڃي

ملڪ ترقي ۽ عوام مهانگائي کان نجات ڊوڙي ٻڪ ۽ بيروزگاري جهڙا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ چيو آهي ته مائنس پلس جي سياست بدران جيڪڏهن
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي نديءَ مان هڪ انساني مٿو هٿ آيو سڃاڻپ نه ٿي سگهي، جاچ شروع

مچر ڪالوني ۾ الله ولي مسجد جي ويجهو نديءَ مان 35 کا 40 سالن جي شخص جو سر هٿ آيو

ڪجهه ڏينهن اڳ گلشن اقبال مان انساني ڌڙ مليو هو، ٻنهي جي ڊي اين اي ڪرائي ويندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊاڪس ٿاڻي جي علائقي ۾ مچر ڪالوني ۾ الله ولي مسجد جي ويجهو نديءَ مان هڪ انساني سر مليو ۽ ان کي ايڌي ايمبولينس ذريعي ڊاڪس پوليس ٿاڻي ٽيمنتقل ڪيو ويو ايس ايڇ او
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

وزير داخلا سنڌ پاران سکر پهچي شڪارپور ۾ زخمي ٿيل پوليس آفيسرن ۽ جوانن جي عيادت ڪئي

امن امان کي خراب ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش کي برداشت نه ڪيو ويندو: وزير داخلا سنڌ

زخمي اهلڪارن کي بهترين طبي سهولتون فراهم ڪرڻ کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي

ڪچي سان گڏ شهرن ۽ پڪن علائقن ۾ به ڌوهن خلاف مضبوط ۽ اثرائتي ڪارروائيون يقيني بڻايون وڃن

سکر (بيورو رپورٽ) وزير داخلا سنڌ جو ضياءالدين اسپتال جو دورو زخمي آفيسرن
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ٽنڊو محمد خان ۾ صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار جي کلي ڪچهري، شڪايتن جا انبار

سنڌ ۾ ماضي جي ڀيٽ اندر امن امان جي صورتحال بهتري ڏانهن اڳتي وڌي رهي آهي: ضيا لنجار

سنڌ جي اتر واري علائقي مان ڌاڙيلن جي مڪمل خاتمي لاءِ جلد ڀرپور آپريشن شروع ڪيو ويندو

اي آئي چالان وارو نظام ٽرئفڪ بهتري لاءِ آهي جيڪو حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين شهرن اندر پڻ لاڳو ڪيو ويندو

ٽنڊو محمد خان (د ر) ٽنڊو محمد خان ۾ گهرو کاتي جي صوبائي وزير ضياءُ الحسن لنجار جي کلي ڪچهري، بدنظمي، عوامي شڪايتن جا انبار، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد
بقايا نمبر 49 ڏسو صفحو 2

سکر: جي يو آءِ اڳواڻ مولانا راشد محمود سومرو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

اسرائيل پاران والاريل اولهندي ڪناري جي ٽن آبادين ۾ 764 رهائشي گهرن جي تعمير جي منظوري

اولهه ڪناري ۾ حڪومت جي اعليٰ رٿابندي ڪائونسل اٽڪل 51,370 هائوسنگ يونٽس جي منظوري ڏني

اهي يونٽ مرڪزي اسرائيل ۾ گرين لائن جي بلڪل مٿان هاشمونيم ۽ يروشلم ويجهو چيفعت زئيف ۽ بيتارعيليت جي وچ ۾ پکڙيل هوندا

تل ابيب (اي پي پي) اسرائيل والاريل اولهندي ڪناري ۾ ٽن آبادين ۾ 764 رهائشي گهر تعمير ڪرڻ جي حتمي منظوري ڏئي ڇڏي آهي پرڏيهي خبررساں اداري مطابق ناڻي واري وزير چيو آهي ته
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

Daily Ibrat Hyderabad Friday 12th December 2025
سال (81) جمعو 12 ڊسمبر 2025ع 20 جمادي الثاني 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيا شمارو (82)

بقايا 1 سزا/حڪم

جي شقن تحت فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل جي 15 مهينن تي ٻڌل ڪارروائي 12 آگسٽ 2024ع تي شروع ڪئي وئي هئي ملزم تي الزامن تحت ڪيس هلايو ويو جيڪو سياسي سرگرمين ۾ ملوث هجڻ سرڪاري راز جي قانون جي ڀڃڪڙي جيڪا رياست جي سلامتي ۽ مفاد لاءِ نقصانڪار هئي اختيارن ۽ سرڪاري وسيلن جي غلط استعمال ۽ ماڻهن کي غلط مالي نقصان پهچائڻ بابت هو ڊگهي ۽ محنت طلب قانوني ڪارروائي بعد عدالت ملزم کي سمورن الزامن ۾ ڏوهي قرار ڏنو ۽ 14 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ٻڌائي جنهن جو اعلان 11 ڊسمبر 2025ع تي ڪيو ويو فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل سمورين قانوني شقن جي تعميل ڪئي ملزم کي سندس پسند جي دفاعي ٽيم سميت سمورا قانوني حق فراهم ڪيا ويا. مجرم لاڳاپيل فورم تي اپيل جو حق رکي ٿو ۽ آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته سياسي عنصرن سان گڏجي مخصوص سياسي اشتعال انگيزي ۽ عدم استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪجهه ٻين معاملن ۾ مجرم جي شموليت کي ڌار اڪليو پيو وڃي

بقايا 2 بريفنگ

ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب واپڊا چيئرمين ليفٽيننٽ جنرل (ر) محمد سعيد وزيراعظم کي واپڊا جي نگراني هيٺ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريف ڪيو ملاقات ۾ واپڊا سان ٻين معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي واپڊا چيئرمين پاڪستان ۾ پاڻي ذخيرن کي وڌائڻ جي حوالي سان پڻ وزيراعظم کي بريفنگ ڏني

بقايا 3 وفاقي حڪومت

واضح مثال سڀني ڏسي ورتو آهي. ڪالهه خميس ڏينهن صحافين سان ڳالهائيندي اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته اڄ انصاف ۽ قانون جي حڪمراني جو وڏو ڏينهن آهي. فيض حميد کي 15 مهينن تائين جاري رهندڙ ٽرائل مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ ثبوتن جي بنياد تي سزا ٻڌائي وئي هن چيو ته فوج جي اندر موثر ۽ ٺوس خود احتسابي جو نظام موجود آهي جنهن تحت اختيارن جي ناجائز استعمال سيڪريٽ ايڪٽ جي خلاف ورزي ۽ سياسي معاملن ۾ مداخلت جهڙن معاملن تي سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ٿي. فيض حميد تي رٽائرمينٽ ڪانپوءِ سياسي سرگرمين ۾ شرڪت تي پابندي هئي جڏهن ته ان جي باوجود هو پي ٽي آءِ جو پوليٽيڪل ايڊوائيزر رهيو ۽ 9 مئي جي واقعن سميت انتشار انگيز معاملن ۾ سندس شموليت جا ناقابل ترديد ثبوت سامهون آيا. هن چيو ته ڪاپ سٽي ڪيس ۾ به ڪيس اڳ ئي سزا ٻڌائي وئي آهي جڏهن ته سياسي معاملن ۾ مداخلت بابت وڌيڪ جاچ جاري رهندي هن چيو ته اڄ پاڪستان جي لاءِ وڏو ڏينهن آهي ته ريڊ لائين ڪراس ڪرڻ ماڻهن سان ظلم ۽ زيادتي ڪرڻ ۽ پنهنجي اٿارٽي جو غلط استعمال ڪندڙ شخص کي سزا ٿي آهي وفاقي وزير چيو ته فيض حميد کي ٽرائل دوران مڪمل موقعو فراهم ڪيو ويو ته هو پنهنجو دفاع ڪري ۽ پنهنجي حق ۾ گواهه پيش ڪري هن چيو ته سمورن گواهن جا بيان قلمبند ٿيڻ ۽ ثبوتن جي جامع جائزي ڪانپوءِ فيصلو ٻڌايو ويو جيڪو قانوني گهرجن ۽ انصاف جي اصولن موجب آهي هڪ سوال جي جواب ۾ هن چيو ته ڪو به شخص قانون کان مٿاهون نه آهي. فوج جو خود احتسابي جو نظام موجود آهي جنهن جو پنهنجو هڪ معيار آهي. جيڪو به ريڊ لائين عبور يا اختيارن جو غلط استعمال ڪندو ان جي خلاف ڪارروائي لازمي آهي هن چيو ته فيض حميد اختيارن جو ناجائز استعمال ڪيو سيڪريٽ ايڪٽ جي خلاف ورزي سميت سياسي معاملن ۾ ملوث هجڻ بابت ناقابل ترديد ثبوت موجود آهن هن چيو ته اڄ حق ۽ سچ جي فتح ٿي آهي

بقايا 4 وزيراعظم

شريف جي صدارت ۾ ايف بي آر جي معاملن جي حوالي سان هفتيوار جائزه اجلاس ٿيو اجلاس ۾ اقتصادي معاملن وارو وفاقي وزير احد خان چيما، قانون وارو وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ پيٽروليم وارو وفاقي وزير علي پرويز ملڪ ناڻي وارو مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اڪارٽي جنرل آف پاڪستان ايف بي آر چيئرمين ۽ لاڳاپيل ادارن جا اعليٰ آفيسر شريڪ هئا. وزيراعظم ٽيڪس ٽو جي ڊي پي شرح جي 11 سيڪڙو جي هدف کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ڪوششون تيز ڪرڻ ۽ ٽيڪس اوڳاڙين جي هدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ٽيڪس نيٽ کي وڌيڪ وڌائڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم ڪسٽمز ڪليئرنس ۾ جديد ٽيڪنالاجي ۽ اي آءِ جي استعمال سان ڪليئرنس جي وقت ۾ تمام گهٽي گهٽائي تي ايف بي آر عملدارن جڏهن ته سگريٽ سازي جي غيرقانوني فيڪٽرين جي خلاف موثر ڪارروائي تي ايف بي آر ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي شاباس ڏني وزيراعظم چيو ته درآمدات ۽ برآمدات جي ڪسٽمز ڪليئرنس جي عرصي کي وڌيڪ گهٽ ڪيو وڃي حڪومتي اوڳاڙيون وڌائڻ جي لاءِ معيشت جي سمورن شعبن ۾ ٽيڪس انفورسمينٽ کي يقيني بڻايو وڃي

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP-ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LBF-CNESS-BHITTANI-306170639-2025	CONSTRUCTION OF CULVERTS, CAUSE WAY AND BRIDGE FROM MASTIKHEL TO BHITTANI PLANT F.R. LAKKI MARWAT, KPK	29.12.2025 AT 1130 HRS
2.	OGDC-SCM-LBT-PT-CESS-305367039-2025	CONSTRUCTION OF BOUNDARY WALL AT KOT SARANG, DISTRICT TALAGANG, PUNJAB	29.12.2025 AT 1130 HRS
3.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-DO-305419449-2025	HIRING OF DRILLING HMD JAR SERVICES	29.12.2025 AT 1030 HRS
4.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-HSEQ-306026243-2025	ISO CERTIFICATIONS OF OGDC FIELDS	30.12.2025 AT 1030 HRS

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **22-11-2025,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-SERVICES-CB-PnP-60-3338-303821807-2025	C-TYPE INSPECTION OF ALTERNATOR COUPLED WITH EGT-1	24.12.2025 AT 1030 HRS

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621** for details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDC reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Jinnah Avenue, Blue Area, Islamabad, Pakistan.

No. 336/37

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پاڪستان ۾ پهريون پيرو آءِ ايس آءِ سربراهه کي فوجي عدالت طرفان سزا

صفحو 4

فيض حميد کي 14 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا!

جنيد شيخ صفحو 4

’دل صرف شفقت ۽ ماءُ جهڙي محبت جي تلاش ۾‘

محمود شام صفحو 4

صدر سوبيانتو جو پاڪستاني دورو!

ڊاڪٽر رشيد احمد خان صفحو 4

گهوٽڪي ۾ غير معياري کاڌي پيتي جون شيون وڪڻڻ ۽ حددخلين خلاف ڪارروائي

اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي نويد علي ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ فوڊ انسپيڪشن ۽ پرائيس ڪنٽرول ٽيم جا ڇاپا

ٽيم جي غير معياري خوراڪ، مقرر نرخن کان وڌيڪ اگهه وصول ڪرڻ ۽ صفائي جي خراب صورتحال تي وارننگ

شهر ۾ غير معياري کاڌو وڪڻڻ ۽ حددخلين برداشت نه ڪيون وينديون، قانون جي ڀڃڪڙي برداشت ناهي: نويد علي ڪوڪر

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي شهر ۾ کاڌي پيتي جون غير معياري شيون وڪرو ڪرڻ ۽ مختلف علائقن مان حددخلين بابت وڌندڙ شڪايتن بعد اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي نويد علي ڪوڪر جي اڳواڻي ۾ فوڊ انسپيڪشن ۽ پرائيس ڪنٽرول ٽيم ڪارروائيون ڪيون ٽيم مختلف بازارن هوٽلن جنرل اسٽورن ۽ سبزي جي دڪانن تي اوچتا ڇاپا هنيا، جتي غير معياري خوراڪ، مقرر نرخن کان وڌيڪ اگهه وصول ڪرڻ ۽ صفائي جي خراب صورتحال تي ڪارروائي ڪئي وئي ڪيترن ئي دڪاندارن کي چالان جاري ڪري خبردار ڪيو ويو جڏهن ته ڪجهه غير معياري سامان پڻ ضبط ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر گهوٽڪي نويد علي ڪوڪر جو چوڻ هو ته شهر ۾ غير معياري کاڌو وڪڻڻ ۽ حددخلين برداشت نه ڪيون وينديون قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙ دڪاندارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ شهرين کي محفوظ ۽ معياري خوراڪ فراهم ڪرڻ لاءِ نگراني وڌيڪ سخت ڪئي ويندي هو پڻ چيو ته ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي ته ڪجهه دڪاندار غير معياري ۽ تاريخ پوري ٿيل شين جي وڪري ۾ ملوث آهن تنهن ڪري باقاعده چيڪنگ جو عمل جاري رهندو.

گهوٽڪي: غير معياري کاڌي پيتي جون شيون وڪڻڻ ۽ حددخلين خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز ۾ ثقافتي تقريب

خيرپور (پ ر) خيرپور ڪاليج آف ايگريڪلچر اينڊ مينيجمينٽ سائنسز ۾ سنڌي ڪلچرل ڊي وڏي شان، وقار ۽ تهذيبي شانداريءَ سان ملهائي وئي، جنهن ۾ شاگردن پاران پيش ڪيل علمي، ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين تقريب کي هڪ ناياب رنگ بخشي ڇڏيو. پروگرام ۾ شاگردن جي ڀرپور شرڪت ۽ استادن جي حوصلا افزائيءَ تقريب کي وڌيڪ اهميت بخشي، جنهن ۾ سنڌ جي تهذيب، تاريخ ۽ فڪر کي وڏي محبت سان اجاگر ڪيو ويو.

خيرپور جي ڪچي ۾ پوليس جو ٽارگيٽيڊ آپريشن، 4 ڌاڙيل زخمي ٿيڻ جا اطلاع

ڪچي جي ڪي ٽي عبدالرحمان انڙ نادر شاهه جون ٽريون ۽ ٻين علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن

آپريشن دوران هٿياربندن جي 10 کان وڌيڪ ٺڪاڻن کي باهيون ڏئي تباهه ڪيو ويو، 8 ڊي ايس پيز حصو ورتو

ناريجا ۽ ڪلهوڙا گينگ جي هٿياربند ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو آهي، 4 ڄڻا زخمي ٿيا آهن: ايس ايس پي

خيرپور (پ ر) خيرپور پوليس جو ايس ايس پي خيرپور جي ڪچي جي ڪي ٽي عبدالرحمان انڙ نادر شاهه جون ٽريون ۽ ٻين علائقن ۾ ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو آهي آپريشن جديد هٿيار بڪتر بند گاڏيون ۽ 8 ڊي ايس پيز حصو ورتو آپريشن دوران هٿياربندن جي 10 کان وڌيڪ ٺڪاڻن کي باهيون ڏئي تباهه ڪيو ويو آهي ان ڏس ۾ ايس ايس پي خيرپور سميع الله سومرو موجب ناريجا ۽ ڪلهوڙا گينگ جي هٿياربند ڌاڙيلن خلاف ٽارگيٽيڊ آپريشن ڪيو ويو آهي جنهن ۾ 4 ڌاڙيل زخمي ٿي پيا آهن جن کي ساٿي کڻي آپريشن جاري آهي ايس ايس پي خيرپور موجب آپريشن دوران هڪ ڦر ٿيل ڊاٽسن هٿ ڪئي وئي آهي ايس ايس پي موجب لاڙڪاڻو شڪارپور سکر ضلعن جي سرحدن ۽ دريائي پٽين تي پوليس جي پيٽرولنگ ڪئي پئي وڃي ٿي.

سڄاول پوليس جو ڌاڙيلن سان مبينه مقابلو هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٻه ڄڻا فرار

اطلاع مليو ته پڌي اسٽاپ جي ويجهو ٽي هٿياربند جوابدار ڪنهن واردات جي ارادي سان موجود آهن: پوليس

ايس ايچ او سڄاول مير محمد گاڏهي پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي لا پهتو ته جوابدارن فائرنگ شروع ڪري ڏني

طرفي فائرنگ دوران پنهنجي ئي سائين جي هٿيار مان نڪتل گولي لڳڻ سبب هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو، اسپتال داخل ڪيو آهي

سڄاول (پ ر) سڄاول پوليس ۽ ڌاڙيلن جو مبينه مقابلو هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار ٻه ڄڻا فرار غيرقانوني هٿيار ۽ گوليون هٿ پوليس ترجمان موجب ايس ايس پي سڄاول عليشه راجپر جو ڏوهن خلاف زيرو ٽالرنس پاليسي تحت پيٽرولنگ دوران ايس ايچ او سڄاول کي اطلاع مليو ته پڌي اسٽاپ جي ويجهو ٽي هٿياربند جوابدار ڪنهن واردات جي ارادي سان موجود آهن اطلاع تي ايس ايچ او سڄاول مير محمد گاڏهي پوليس ٽيم سان گڏ ڪارروائي لا پهتو جوابدارن پوليس کي ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڏني ٻه طرفي فائرنگ دوران پنهنجي ئي سائين جي هٿيار مان نڪتل گولي لڳڻ سبب هڪ جوابدار زخمي ٿي پيو جنهن کي پوليس زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي جوابدار جي سڃاڻپ علي بخش عرف بيگ ڪوڇاريو ملاح جي نالي سان ٿي پوليس موجب گرفتار جوابدار جي قبضي مان ڪارتوس پسٽل ۽ گوليون پڻ هٿ ڪيون ويون آهن جڏهن ته فرار ٿيل ٻنهي جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ڇاپا مار ڪارروايون جاري آهن گرفتار ۽ فرار جوابدارن خلاف سڄاول ٿاڻي تي ٻه الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن وڌيڪ جاچ جاري آهي.

ٽنڊوآدم مان پوليس پاران 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف احتجاج

سستي بستي جي رهواسين پيرسن عورت ڇگي جي اڳواڻي ۾ ٻارن سميت ڌانهيو

ڊپ آهي ته پوليس اسان جي ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ماري نه ڇڏي: وارث

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم مان پوليس پاران 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف وارثن جو ٻارڙن سميت احتجاج انصاف جي گهر ريوٽ موجب ٽنڊوآدم جي سستي بستي جي رهواسين پيرسن عورت ڇگي زال لکمير ڀهلڪائي محمد علي ڀهلڪائي مولابخش ڀهلڪائي ٻارڙن سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڌانهيو آهي ته پوليس موبائلن ۾ سوار اهلڪارن اسان جي گهر تي حملا ڪري 6 ڄڻن درگاهي ڀهلڪائي، محمد عظيم، گل بهار، علي نواز، مير هزار ۽ فقير بخش ڀهلڪائي کي کڻي ويا جن جو ڪوبه ڏس پتو ڪونهي ٽنڊوآدم جي پوليس جو چوڻ آهي ته اسان کي ڪابه خبر ناهي هنن چيو ته اسان کي ڊپ آهي ته پوليس اسان جي ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ماري نه ڇڏي هنن جو چوڻ آهي ته اسان ڪٿون واٽي ۽ پورهيو ڪري گذر سفر ڪندا آهيون اسان جو ڪو به ڏوهي رڪارڊ ناهي 20 سالن کان ٽنگوائي مان بوڙ بعد هتي اچي پورهيو ڪري پيٽ پيا پاليون اسان جي ڪابه شڪايت ناهي پوءِ پوليس اسان سان اهڙو ظلم ڇو ڪيو آهي هنن حڪومت سنڌ ۽ ٻين وسوارن کان گهر ڪئي آهي ته بي گناهه گرفتار ڪيلن کي فوري طور آزاد ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم: پوليس پاران 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

مسوبرڳڙي بيٽ جي مختلف اسڪولن ۾ راندين جا مقابلا

صحت مند شاگرد . خوشحال سنڌ جي عنوان هيٺ مقابلا ڪرايا ويا

شرڪت ڪندڙ شاگردن کي حوصلا افزائي جي سرٽيفڪيٽ پڻ پيش ڪيا ويا

مسوبرڳڙي (ن ع) مسوبرڳڙي لڳ "صحت مند شاگرد . خوشحال سنڌ" جي عنوان هيٺ اسپورٽس فيسٽيول منعقد تفصيل موجب مسوبرڳڙي، حيدرآباد تعلقه ٻهراڙي ۾ "صحت مند شاگرد . خوشحال سنڌ" جي عنوان هيٺ بيٽ مسوبرڳڙي جي انچارج فوڪل پرسن محمد چمن ملاح ۽ جهانگير لاشاري ۽ امداد علي لنڊ جي نگرانيءَ ۾ اسڪولي راندين جا شاندار مقابلا منعقد ٿيا، جن ۾ بيٽ مسوبرڳڙي جي 15 سرڪاري اسڪولن جي شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان حصو ورتو هن اسپورٽس ايونٽ ۾ مختلف راندين جا مقابلا ڪرائي ويا، جن ۾ ڊوڙ، رسا ڪشي، ڪٺا پائي ڊوڙ بلور چمچي تي ڪٺڻ ميوزيڪل چيئر رسو ٽپڻ ڦوڪڻا ڦوڪڻ عام ڊوڙ ۽ ٻيون روايتي راندين شامل هيون مقابلن ۾ حصو وٺندڙ اسڪولن ۾ طالب مولا ڪالوني، ڳوٺ غلام مرتضيٰ ٻڊائي ٻنگل لاشاري، محمد هاليپوٽو الهه بچايو ملاح، ٽنڊو سعيد خان ڪوٽ جبار ڪيرين ظهور بارچ، گل محمد چلگري، هموپوٽا، صالح دل يار محمد ڪلهوڙو سميت ٻين اسڪولن جا شاگرد شامل هئا. شاگردن جاندار مقابلا ڪندي ميدان ۾ شاندار مهارت جو مظاهرو ڪيو اختتامي تقريب ۾ ونڊنگ ٽيمن کي ڪپ ۽ ٽرافيون پڻ ڏنيون ويون، جڏهن ته شرڪت ڪندڙ شاگردن کي حوصلا افزائي جي سرٽيفڪيٽ پڻ پيش ڪيا ويا. تقريب ۾ ٽي او ايجوڪيشن تعلقه حيدرآباد محمد اقبال جمالي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ايجوڪيشن تعلقه حيدرآباد ۽ ٽي او سٽي امداد علي شاهاڻي خاص مهمان طور شرڪت ڪئي ٽي او ايجوڪيشن محمد اقبال جمالي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اهڙا اسپورٽس ايونٽ نه صرف شاگردن جي جسماني صحتمندي لاءِ اهم آهن پر انهن ۾ نظم و ضبط، مقابلي جي صلاحيت ۽ ٽيم ورڪ به پيدا ڪن ٿا، جيڪو سندن تعليمي ۽ سماجي مستقبل لاءِ فائديمند آهي. تقريب ۾ استادن جي وڏي انگ پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ محمد چمن ملاح، تاج محمد ٻڊائي شڪيل احمد قائم خاني بشارت، زاهد علي لغاري محمد علي لغاري، مولابخش بارچ، محمد رفيق ملاح جهانگير لاشاري، امتيازخاصخيلي، شمن لال علي نواز بارچ، سليم ڪنري، حاڪم چنڊ ۽ ٻيا شامل هئا. شاگردن ۽ شاگرديائين ايونٽ دوران ڀرپور انجواءِ ڪيو ۽ راندين ۾ دلچسپي جو مظاهرو ڪندي تقريب کي رنگين بڻايو. تقريب جي پڄاڻي دعا سان ڪئي وئي.

مسوبرڳڙي: اسڪول ۾ راندين جا مقابلا ٿي رهيا آهن

ڪوٽ غلام محمد لڳ شادي جي تقريب تان موٽندڙن سان روڊ حادثو

شهر جي گرڊ اسٽيشن پرسان موٽر سائيڪل ۽ ٽرڪ وچ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار چار ڄڻا زخمي، ميرپورخاص اسپتال ريفر

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) ڪوٽ غلام محمد شهر جي گرڊ اسٽيشن پرسان موٽر سائيڪل ۽ ٽرڪ وچ ۾ زور دار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ موٽرسائيڪل سوار چار ڄڻا 47 سالا تيل پيل 24 سالا دودو پٽ تيل پيل 15 سالا ... حالت ۾ زخمين کي علاج لاءِ ميرپورخاص اسپتال ريفر ڪيو ويو آهي جڏهن ته پوليس ٽرڪ کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو آهي ۽ ٽرڪ ڊرائيور موقعي تان ئي فرار ٿي ويو روڊ حادثي جو شڪار سمن ڳوٺ واسي ٻڌايا وڃن پيا جيڪي ڳوٺ ...

سڪرنڊ: شهر ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳائڻ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

سڪرنڊ شهر ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳائڻ بابت گڏجاڻي

ڏوهارين تائين پهچڻ ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرا جو اهم ڪردار آهي: ڊي ايس پي

جلد شهري تنظيمن جي مختلف نمائندن سان گڏجاڻي ڪري هڪ ڪاميٽي جوڙيبي: احسان شاهه

سڪرنڊ (ن ع) آئي جي سنڌ پوليس غلام نبي ميمڻ جي هدايت تي شهرن ۾ مختلف هنڌن تي سي سي ٽي وي ڪئميرا لڳائڻ واري حڪم بعد ڊي ايس پي سڪرنڊ محمد اشفاق باجوه سنڌس آفيس ۾ شهرين جي گڏجاڻي ڪوٺائي جن ۾ نور احمد لاکو سيد احسان شاهه ۽ عليشير انڙ سميت ٻيا پڻ موجود هئا جتي هن ڳالهائيندي چيو ته ڏوهن ۽ ڏوهارين تي ڪنٽرول ڪرڻ ۽ ڏوهارين تائين پهچڻ ۾ سي سي ٽي وي ڪئميرا جو اهم ڪردار آهي ان ڪري جديد دور جي سهولت مان فائدو وٺندي ان تي عمل ڪرائڻ لاءِ اوهان شهرين کي گهرايو آهي ته جيئن ان تي عمل ڪري واپاري مرڪزن سميت رهائشي علائقن ۾ ڪئمرائون لڳائڻ ۾ اسان جو ساٿ ڏيو جنهن تي شهري اتحاد جي اڳواڻي صدر سيد احسان شاهه ڪيس يقين ڏياريو ته هو جلد شهري تنظيمن جي مختلف نمائندن سان گڏجاڻي ڪري هڪ ڪاميٽي جوڙيندو جن جي مدد سان ڪوشش ڪنداسين ته اهم جڳهين ۽ واپاري مرڪزن تي ڪئمرائون لڳايون وڃن ان سلسلي ۾ جلد ٻيهر گڏجاڻي ڪوٺائي ويندي

سڪرنڊ ۾ ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريب

تقريب ۾ ٻارن جي حقن، تعليم، تربيت بابت تفصيلي گفتگو

ٻارڙن جي عالمي ڏينهن تي اهڙا پروگرام وقتائتا هوندا آهن: عروج سمون

سڪرنڊ (ن ع) سنگاپور انٽرنيشنل فائونڊيشن جي سهڪار سان گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول سن ۾ ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ استادن شاگردن ۽ شهر جي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي تقريب ۾ ٻارن جي حقن تعليم تربيت سميت موجوده جديد دور جي مناسبت سان گفتگو ڪئي وئي ان موقعي تي مس ... شريڪ ٿيا جن الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته ٻارڙن جي عالمي ڏينهن تي اهڙا پروگرام وقتائتا هوندا آهن جنهن سان ٻارڙ ۾ نه صرف سندن بنيادي حقن بابت ڄاڻ ملي ٿي بلڪه سندن ذهنن ۾ معلومات جو خزانو پڻ جمع ٿئي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته اسين SIF جا ٿورائتا آهيون جن هي پروگرام ڪري ٻارڙن ۾ حوصلو پيدا ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪيو هنن اهو به چيو ته هن ... پيش ڪندي ڪين تقريب جو مقصد پڻ ٻڌايو تقريب جو مهمان خاص مشتاق عمراڻي جڏهن ته اعزازي مهمانن ۾ مس نسرين سهارڻ، مس شاهين شاهه محمد صالح ميمڻ ۽ عبدالحميد ميمڻ جن پروگرام ۾ ڪهي آيا

سڪرنڊ: ٻارڙن جي عالمي ڏينهن جي حوالي سان تقريب ٿي رهي آهي

سڄاول جي گرلز هاءِ اسڪول ۾ مختلف پروجيڪٽن تي اسٽريم مقابلا

مقابلن ۾ شاگرديائين پنهنجا سائنسي، فني ۽ تخليقي پروجيڪٽ پيش ڪيا

اسٽريم مقابلي دوران سائنسي تجربا، ماڊلز ۽ تخليقي سرگرميون نمايان رهيون

سڄاول (پ ر) سڄاول جي گرلز هاءِ اسڪول جي شاگرديائين جا جديد سائنسي پروجيڪٽ هيڊ ماسٽر نصير احمد ميمڻ جي محنت سان وڏي ترڪ ۽ احتشام سان منعقد ڪيا ويا جنهن ۾ شاگرديائين پنهنجا سائنسي فني ۽ تخليقي پروجيڪٽ پيش ڪيا مقابلي دوران سائنسي تجربا، ماڊلز ۽ تخليقي سرگرميون نمايان رهيون جن جو مقصد شاگرديائين ۾ سائنسي شعور جدت ۽ تحقيق جو حوصلو وڌائڻ هو هيڊ ماسٽر نصير احمد ميمڻ چيو ته اسٽريم سرگرميون نه رڳو شاگرديائين جي صلاحيتن کي اڀارڻ ٿيون پر انهن کي جديد دور جي گهرجن مطابق اڳتي وڌائڻ ۾ به مددگار ثابت ٿين ٿيون اسٽريم مقابلي ۾ اي سي سڄاول پڻ شرڪت ڪندي شاگرديائين کي داد، حوصلو ڏنو ۽ شاگرديائين جي محنت، پروجيڪٽن جي خوبصورتي ۽ تخليقيت جي واکاڻ ڪئي هن وڌيڪ چيو ته اهڙيون سرگرميون ضلعي جي تعليمي بهتري لاءِ تمام اهم آهن.

سڄاول: گرلز هاءِ اسڪول ۾ مختلف پروجيڪٽن تي اسٽريم مقابلا ٿي رهيا آهن

گهوٽڪي ميونسپل چيئرمين جي فوڪل پرسن پاران شهر جو دورو

سڪندر علي لاکو مختلف علائقن ۾ پهچي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو

علائقي واسين سان ملاقاتون ڪري سندن تجويزن ۽ مسئلا پڻ معلوم ڪيا

گهوٽڪي (ن ع) ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين چام آصف رزاق خان ڌاريجو جي هدايتن تي فوڪل پرسن سڪندر علي لاکو اڄ وارڊ نمبر 5 جي مختلف علائقن ۾ پهچي جاري ترقياتي ڪمن جو جائزو ورتو ۽ ترقياتي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ پڻ ڏني دوري دوران فوڪل پرسن سڪندر علي لاکو علائقي واسين سان ملاقاتون ڪري سندن تجويزن ۽ مسئلا معلوم ڪيا هن موقعي تي فوڪل پرسن سڪندر علي لاکو چيو ته چيئرمين چام آصف رزاق خان ڌاريجو جي واضح هدايت آهي ته گهوٽڪي جي هر علائقي ۾ ترقياتي ڪم بنا ڪنهن دير جي مڪمل ڪيا وڃن اسان جو مقصد رڳو ڪم ڪرائڻ نه پر معيار سان ڪم ڪرائڻ آهي ته جيئن ماڻهن کي حقيقي معنيٰ ۾ سهولتون ملي سگهن وارڊ نمبر 5 سميت سموري شهر ۾ ترقياتي منصوبا تيز رفتاري سان مڪمل ڪيا پيا وڃن عوام جي سهڪار سان گهوٽڪي کي وڌيڪ صاف، روشن ۽ بهتر شهر بڻائينداسين سڪندر علي لاکو وڌيڪ چيو ته علائقي واسين جا جائز مسئلا چيئرمين تائين پهچايا ويندا ۽ انهن جو حل به اوليت بنيادن تي ڪيو ويندو هن موقعي تي زون انچارج عبدالخالق ڪولاچي، زون انچارج محمد بچل لکڻ ميڊيا انچارج اسد راجپوت، عمران ڪولاچي، روشن ميراڻي، عنايت چنڊ آصف لاکو ۽ ٻيا به ساٿس گڏ موجود هئا.

گهوٽڪي: ميونسپل چيئرمين جي فوڪل پرسن شهر جو دورو ڪندي

نئون آباد شهر جي پرسان ڳوٺ غلام نبي لسڪاڻي ۾ مچ ڪچهري

ڪراچي سنڌ جو حصو آهي، پيو ڪو صوبو ناهڻ نه ڏينداسين: اعجاز زرداري

سنڌ اسان جي امڙ آهي، امڙ هڪ هئي، آهي ۽ رهندي، ورهاڱو ٿيڻ نه ڏينداسين

نئون آباد (ن ع) نئون آباد شهر جي پرسان ڳوٺ رئيس غلام نبي لسڪاڻي ۾ مچ ڪچهري ۽ محفل موسيقي جو پروگرام رکيو ويو جنهن سنڌ جي نالي واري راڳين ۽ سگهڙن سميت سياسي سماجي اڳواڻ وڏي انگ شرڪت ڪئي جنهن ۾ پ پ پ اڳواڻ اعجاز زرداري، عبدالستار خاصخيلي راڻا راشد علي راجپوت، غلام عباس لسڪاڻي منصور پنهور، ارشد حسين طاهر علي افتخار علي عرف وڪي ۽ ٻين چيو ته سنڌ اسان جي امڙ آهي امڙ هڪ هئي، آهي ۽ رهندي، سنڌ ۾ ڪو صوبو ناهڻ نه ڏينداسين ڪراچي سنڌ جو حصو آهي ۽ ڪا به طاقت ڪراچي کي سنڌ کان الڳ نٿي ڪري سگهي صوفي راڳي فقير برڪت جمالي سر وڪيري پنڊال ۾ ويٺل ماڻهن کي جهومڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو ۽ سگهڙن فقير محمد هنگوري ۽ ٻين وائيون ۽ بيت چئي اصل محفل کي چار لڳائي ڇڏيا پروگرام جي آخر ميزبان عابد حسين لسڪاڻي ۽ ناز سائين بخش راڄپر پاران آيل مهمانن کي سنڌ جي سدا بهار سوکڙي اجرڪون اوڍايون ويون

نئون آباد: ڳوٺ غلام نبي لسڪاڻي ۾ مچ ڪچهري ۾ فنڪار فن جو مظاهرو ڪندي

چلڊرن پارليمينٽ آف اسٽوڊنٽ اينڊ اسڪول ليڊرز جي سي ايم سنڌ اوڏيرو پهتي

وزٽ دوران شاگردن، ٽيچرز ۽ پرنسپل کان اسڪول جي مسئلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي

اوڏيرولال (ن ع) اوڏيرولال گورنمنٽ بوائز هائي اسڪول ۽ ڊگري ڪاليج اوڏيرولال ۾ سي ايم سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ منسٽر آف ايجوڪيشن سيد سردار علي شاهه طرفان نامزد ڪيل چلڊرن پارليمينٽ آف اسٽوڊنٽ ... پرنسپل کان اسڪول جي مسئلن بابت پڇا ڳاڇا ڪئي وئي جتي تعريبن شاگرد استاد ۽ پرنسپل هڪ سوال تي خاص زور ڏيندا نظر آيا ته اسان وٽ اسٽاف جي شديد کوٽ آهي اسان جي اسڪول ۾ استادن جي ڪوٽ هئڻ ...

ديپٽي ڪمشنر بينظير آباد

دسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ نوابشاهه جو سالياني اجلاس

سڪرنڊ (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي جي صدارت هيٺ ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ نوابشاهه جو سالياني اهم اجلاس اڄ ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ اڳوڻي فوجي اهلڪارن ۽ فوجي شهيدن خاندانن کي فراهم ڪيل سهولتن فلاحي اسڪيمن ۽ مختلف زيرالتواءِ ڪيسز جو جائزو ورتو ويو اجلاس دوران اڳوڻن فوجين کي مالي امداد، ٻارن لاءِ تعليمي وظيفا، طبي سهولتون روزگار جا موقعا ۽ رهائش بابت موصول ٿيل درخواستن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي چيو ته پاڪستان فوج جون خدمتون ناقابل فراموش آهن جن جي بدولت ملڪ جو وقار وڌيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته سرحدن جي حفاظت ڪندڙ فوجي جوان قوم جو فخر آهن ۽ سندن خاندانن جي خدمت ضلعي انتظاميا جي پهرين ترجيح آهي. ڊپٽي ڪمشنر لاڳاپيل کاتن جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته اڳوڻي فوجي اهلڪارن ۽ شهدا جي وارثن جي فلاح ۽ بهبود سان لاڳاپيل سمني ڪيسز کي ترجيحي بنيادن تي نبيريو وڃي. هن عملدرآمدي مرحلن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ، ڪاغذي ڪارروائي ۾ شفافيت يقيني بڻائڻ ۽ سمورن کاتن جي وچ ۾ رابطي کي وڌيڪ بهتر ڪرڻ جي به هدايت ڪئي. اجلاس جي آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر بورڊ جي ڪارڪردگيءَ کي ساراهيندي چيو ته شهرين ۽ خدمتگار اهلڪارن لاءِ سهولتن جي بهتري لاءِ ڪوششون جاري رهنديون ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڊسٽرڪٽ آرمڊ سروسز بورڊ نوابشاهه ليفٽيننٽ عبدالناصر (رٽائرڊ) بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته سنڌ ۾ 8 آرمڊ سروسز بورڊ خدمتون سرانجام ڏئي رهيا آهن. هن ٻڌايو ته نوابشاهه آرمڊ سروسز بورڊ 1972 ع کان قائم آهي جيڪو شهيد بينظير آباد ۽ نوشهرو فيروز جي رٽائرڊ فوجي ۽ شهيدن جي خاندانن کي پينشن جون سهولتون مهيا ڪري رهيو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته آرمڊ سروسز بورڊ طرفان رٽائرڊ فوجين ۽ شهيدن جي وارثن جي ٻارن لاءِ فوجي فائونڊيشن ذريعي تعليمي وظيفا مهيا ڪيا وڃن ٿا سالياني ڪارڪردگي بابت هن ٻڌايو ته آرمڊ ڊرائيونگ لائسنس، تعليمي ادارن ۾ داخلائن قرض لائيف سرٽيفڪيٽ پينشنرز ۽ زرعي تصديق فارم ۽ مالي امداد/ فنڊن بابت 1209 درخواستون موصول ٿيون جن مان 1207 درخواستون حل ڪيون ويون آهن. هن ضلع انتظاميا ۽ ٻين ادارن سان ڳالهائيندي زور ڏنو ته رٽائرڊ فوجين ۽ شهيدن جي وارثن کي پوليس ٿاڻن ۾ درپيش مسئلا سرڪاري نوڪرين ۾ اڳوڻن فوجين لاءِ موقعا، سڃاڻپ ڪارڊ ۽ فيملي رجسٽريشن جا مسئلا، فوتگي ۽ شادي سرٽيفڪيٽ جو اجراءِ آبري ويٽليٽر آفيس بيواهن ۽ وارثن کي پوليس ٿاڻن ۾ عزت، هٿيار جي لائسنس جي سهولت، ۽ سٻني سرڪاري آفيسن ۾ سٺي نموني سان ورتاءَ ڪيو وڃي. اجلاس ۾ ڊائريڪٽر انفارميشن شهيد بينظير آباد محمد موسيٰ گوندل بيس ڪمانڊر نوابشاهه اديب الحسن، ريجنل انچارج نادرا رفيق احمد بلو اسسٽنٽ ڊائريڪٽر پاڪستان بيت المال شهزاد جسڪاڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين سميت مختلف کاتن جي آفيسرن رٽائرڊ فوجي ۽ آرمڊ سروسز بورڊ جي ميمبرن شرڪت ڪئي

مهراڻ يونيورسٽي يو آئي گرين ميٽرڪ ورلڊ يونيورسٽي رينڪنگس ۾ دنيا جي 478 هين پوزيشن حاصل ڪري ورتي

ڄامشورو (پ ر) مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو يو آئي گرين ميٽرڪ ورلڊ يونيورسٽي رينڪنگس ۾ دنيا جي 478 هين پوزيشن حاصل ڪري ورتي آهي، جڏهن ته سنڌ صوبي جي پهرين نمبر انجنيئرنگ يونيورسٽي جو اعزاز پڻ پنهنجي نالي ڪيو آهي. مهراڻ يونيورسٽيءَ کي صوبي جي انجنيئرنگ يونيورسٽين ۾ پهريون نمبر مليو ... وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر طه حسين علي پرو وائيس چانسلر ...

ٽنڊو محمد خان ۾ هندو ميرج ايڪٽ ترميمي بل بابت گڏجاڻي، پنڊتن جي رجسٽريشن لاءِ سهڪار جو اعلان

هندو برادري جي ماڻهن جي شادي جي رجسٽريشن جهڙن اهم مسئلن کي قانوني تحفظ ڏيڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي: پشپا ڪماري

ترميمي بل ۾ اهڙا نقطا شامل ڪيا ويا آهن، جيڪي مستقبل ۽ قانوني پيچيدگين کي گهٽائيندا ۽ مسئلا حل ٿيندا

حڪومت کي گهرجي ته رجسٽريشن واري عمل کي وڌيڪ شفاف ۽ سولو بڻايو وڃي ته جيئن آساني ٿئي: پنڊت

ٽنڊو محمد خان (پ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ هندو ميرج ايڪٽ ترميمي بل بابت گڏجاڻي ٿي گذري جنهن ۾ پنڊتن جي رجسٽريشن لاءِ مڪمل سهڪار جو اعلان ڪيو ۽ سنڌ هندو ميرج ايڪٽ ترميمي بل 2018 جي گڏجاڻي ۾ هندو برادري جي پنڊتن ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي گڏجاڻي کي پشپا ڪماري، ڪرشن شرما، جيٺه پرڪاش موراڻي ۽ ٻين اڳواڻن گڏجاڻي کي خطاب ڪندي چيو ته اسان هندو ميرج ايڪٽ ۾ ٿيندڙ سڌارا هندو آڻڻ لاءِ هندو برادري جي ماڻهن جي شادي جي رجسٽريشن جهڙن اهم مسئلن کي قانوني تحفظ ڏيڻ لاءِ ڪوشش جاري آهي ان موقعي تي ضلعو ٽنڊو محمد خان جي مختلف علائقن کان آيل پنڊتن ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته ترميمي بل ۾ اهڙا نقطا شامل ڪيا ويا آهن جيڪي مستقبل ۽ قانوني پيچيدگين کي گهٽائيندا ۽ مسئلا حل ٿيندا ان موقعي تي مختلف علائقن کان آيل اڳواڻن گڏجاڻي ۾ چيو ته اسانجي هندو پنڊتن جي رجسٽريشن ۾ ڪيترائي مسئلا درپيش آهن جنهن سبب شادي جا سرٽيفڪيٽ، نادرا مان ب فارم سميت ٻيا مسئلا قانوني طريقي سان جاري نٿا ٿي سگهن ان ڪري حڪومت کي گهرجي ته رجسٽريشن واري عمل کي وڌيڪ شفاف ۽ سولو بڻايو وڃي ته جيئن آساني ٿئي ٻيطرف مختلف علائقن کان آيل هندو پنڊتن ۽ رهواسين پاران ڪيل سوال جوابن جو سيشن پڻ رکيو ويو جنهن ۾ آيل مهمانن طرفان پڇيل سوالن جا تفصيلي جواب ڏنا ويا ۽ هندو شادين ۽ رجسٽريشن بابت پنهنجون تجويزون پيش ڪيون ان موقعي تي آيل هندو اڳواڻن پاران پنڊتن جي مڪمل قانوني رجسٽريشن، سندن تربيت ۽ رجسٽريشن عمل کي آسان بڻائڻ لاءِ خاطري جو يقين پڻ ڏياريو ويو ۽ هندو خاندانن جي قانوني مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ گڏيل حڪمت عملي تحت جاري رکيو ويندو هندو برادري جي ماڻهن کي به پنهنجي شادي رجسٽريشن کي يقيني بڻائڻ گهرجي جيئن مستقبل ۾ وراثت ۽ ٻيا مسئلا حل ٿين ۽ ٻارن جي نادرا ۾ قانوني دستاويزن ۾ ڪا رڪاوٽ نه اچي سگهي ان موقعي تي ونود ميگهواڙ رائيسنگهه مانو ٺاڪر ۽ ٻين شرڪت ڪئي

ٽنڊو محمد خان: هندو ميرج ايڪٽ ترميمي بل بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

ڪنڊياري: سردار محمد زمان عرف سمون خان ٿهيم جي آلين اکين سان تدفين

ڪنڊياري (ن ع) پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع سانگهڙ جي اهم شخصيت سردار محمد زمان عرف سمون خان ٿهيم جي نماز جنازي ڳوٺ فقير محمد ٿهيم بسي لڳ ڪنڊياري ۾ ادا ڪئي وئي.

ٽنڊوالهيار ۾ پ پ اڳواڻن پاران شهيد راڻي جي ورسي جلسي ۾ عوام جي ڀرپور شرڪت لاءِ رابطا مهم تيز

رئيس غلام قادر مري، سردار حاجي خير محمد ڪوڪر، ذوالفقار ستار ٻجاڻي سيد ضياءَ عباس شاهه رضوي ۽ امداد خان پتافي سرگرم

ظهير عباس پتافي، مير سهيل پيو ٽالپر، درياهه خان مري، وسيم لطيف مگريو رمضان مري ۽ غلام قادر دل به متحرڪ نظر اچڻ لڳا

ورسي جي جلسي جي تياري لاءِ ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي، پ پ ڪارڪنن سميت عوام کي دعوت ڏئي رهيا آهيون: پ پ اڳواڻ

ٽنڊوالهيار (پ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي ٽنڊوالهيار جي اهم شخصيتن ۽ اڳواڻن پاران شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ رابطا مهم تيز ڪري ڇڏي آهي انهي حوالي سان پ پ سينئر اڳواڻ رئيس غلام قادر مري، سردار حاجي خير محمد ڪوڪر ايم اين اي ذوالفقار ستار ٻجاڻي، ايم پي اي سيد ضياءَ عباس شاهه رضوي، ايم پي اي امداد خان پتافي، ضلعي صدر ظهير عباس پتافي، ضلع ڪائونسل چيئرمين مير سهيل پيو ٽالپر وائيس چيئرمين درياهه خان مري، انفارميشن سيڪريٽري وسيم لطيف مگريو تعلقه صدر رمضان مري، تعلقه صدر غلام قادر دل ضلع جي مختلف ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ۽ ٻين اڳواڻن پاران عوامي رابطا مهم تيز ڪئي وئي آهي جڏهن ته شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ پ پ ڪارڪنن ۾ وڏو جوش ۽ جذبو نظر اچي رهيو آهي مختلف هنڌن تي رابطا مهم دوران اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 27 ڊسمبر تي ملڪ جي عظيم ليڊر جي ورسي آهي جنهن جي تياري لاءِ ضلعي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي پ پ پ ڪارڪنن سميت عوام کي دعوت ڏئي رهيا آهيون هنن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي سان ملڪ جو عوام دلي محبت ڪري ٿو هر پ پ پ ڪارڪن کي هن ڏينهن جو بي صبري سان انتظار هوندي آهي جتي پ پ پ ڪارڪن پنهنجي عظيم ليڊر کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ سان گڏ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو خطاب ٻڌندا هنن وڌيڪ چيو ته نوجوان چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪي ترقي ۽ غريب مسڪين مارڙن جي حقن لاءِ ڏينهن رات جاکوڙي رهيو آهي جنهن عالمي سطح تائين پاڻ مڃرايو آهي اسان کي پنهنجي پارٽي ۽ قائدين تي فخر آهي اهو ڏينهن پري ناهي جڏهن چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو اڳواڻن موجب 27 ڊسمبر تي ٽنڊوالهيار ضلعي مان هزارين پ پ پ ڪارڪنن ڳڙهي خدا بخش پهچندا ڪارڪنن جي وڃڻ لاءِ گاڏين جو بندوبست به ڪيو ويو آهي ورسي ۾ وڃڻ لاءِ عوام جو جوش ۽ جذبو تمام گهڻو نظر اچي رهيو آهي

دولتپور پرسان حضرت ٺانگو شاهه جو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو

سنڌ جي نالي وارن ملهه پهلوانن ممتاز سوهو، عبيد ٻگهيو ۽ ٻين زور آزمايا

سريلي راڳي فقير اعجاز علي خاصخيلي، عبدالستار ڪاڪيپوٽو ۽ ٻين سر وکيريا

دولتپورصفن (ن ع) دولتپور پرسان ڳوٺ ٺانگو شاهه ۾ سنڌ جي مشهور روحاني صوفي بزرگ حضرت ٺانگو شاهه المعروف حسين بخش گيلانيءَ جو عرس مبارڪ پڄاڻي تي پهتو جنهن ۾ ملهه ملاکڙو پڻ جاري رهيو جنهن ۾ سنڌ جي نالي وارن ملهه پهلوانن ممتاز سوهو عبيد ٻگهيو قربان هوٿي پوٽو حليم پٺاڻ شاهد ملاح مولاداد راهو حنيف ٻلدوزر ۽ ٻين حصو ورتو هڪ ٻئي کي زبردست ملهه ساري مقابلو ڪئي انعام وصول ڪيا جن کي درگاهه شريف کي خدمت گارن فقير حاجي اصغر راهو انور راهو فقير محمد خان راهو زنوار ذوالفقار علي اوٺو وڏيرو زنوار اقبال اوٺو وڏيرو مثل اوٺو ميلا ڪاميٽي جي چيئرمين پورل زرداري وڏيرو واجد علي راهو رئيس امام علي راهو عدنان راهو سيد وزير علي شاهه استاد غلام سرور راهو حضور بخش راهو محمود راهو رئيس شاهن ڪوسو ۽ ٻين شوقين پڻ ڪيل نقد انعام ڏنا جڏهن ته راڳ رنگ جي محفل ۾ سنڌ جي سريلي راڳي فقير اعجاز علي خاصخيلي عبدالستار ڪاڪيپوٽو فقير فوٽو خان انڙ عذرا علي ريشمان پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو ۽ زبردست داد حاصل ڪيو جڏهن ته ميلي ۾ ٻارن جي وندرا لاءِ ريل گاڏي موت جو کوهه چوڏول ۽ ميجڪ شو پڻ لڳايو ويو هو جڏهن ته بهترين نموني جي قسم جا مرڪز پڻ لڳايا ويا بعد ۾ درگاهه شريف جي فقيرن پاران ملڪ جي امن ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون

دولتپور: حضرت ٺانگو شاهه جو عرس مبارڪ تي ڳوڪار فن جو مظاهرو ڪندي

سڪرنڊ ۾ سيد شايان شاهه پاران تعلقه اسپتال جو دورو

سڪرنڊ (ن ع) قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر سيد غلام مصطفيٰ شاهه جي فرزند سيد شايان شاهه پاران سندن والد پاران تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ منظور ڪرايل چيسٽ پين يونٽ جي تعميراتي ڪم جو معائنو ڪيو ساڻس گڏ نور احمد لاکو ۽ نثار احمد ڪيڙو پڻ هئا جتي ميڊيڪل سپريٽنڊنٽ ڊاڪٽر محمد يوسف مگسي ڪيس بريفنگ ڏني ان موقعي تي سيد شايان شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلز پارٽي صحت ۽ تعليم تي خاص ڌيان ڏئي رهي آهي جيڪي بنيادي ضرورتون پڻ آهن ان ڪري ئي سڪرنڊ جي تعلقه اسپتال ۾ چيسٽ پين يونٽ جو بنياد رکيو آهي هن اهو پڻ چيو ته 2018 ۾ سينيئر صحافي ۽ اسان کي هميشه بهتر مشورا ڏيندڙ قاضي جاويد سنائي تجويز ڏني ته تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ دل جي وارڊ جي ضرورت آهي ان تي ڪوشش ڪيو جنهن ۾ اهو پڻ سبب ٻڌايو ته سڪرنڊ کي ٽي هاءِ ويز لڳن ٿا نيشنل هاءِ وي، انڊس هاءِ وي ۽ مهراڻ هاءِ وي ان ڪري حادثا به روز جو معمول آهن ان ڏينهن کان الحمد الله ڪم شروع ڪيوسين جنهن ۾ ڊپٽي اسپيڪر قومي اسيمبلي سيد غلام مصطفيٰ شاهه جو اهم ڪردار آهي جو تعلقه اسپتال سڪرنڊ ۾ چيسٽ پين يونٽ منظور ٿيو جيڪو تعميراتي مرحلن ۾ آهي سيد شاهه وڌيڪ چيو ته بلڊنگ کي جنهن حساب سان تعمير ڪيو پيو وڃي ان ۾ ايتري گنجائش آهي جو اڳتي هلي ڪوشش ڪنداسين ته اين آئي سي وي ڊي جي باظابطه ڪوليو وڃي جنهن ۾ صوبائي وزير صحت ميڊم عذرا فضل پيچوهو جو پڻ اسان سان ساٿ ۾ اهم ڪردار شامل آهي آخر سيد شايان شاهه تعلقه اسپتال سڪرنڊ جي ايم ايس کي چيو ته سڪرنڊ جي عوام جي شڪايت آهي ته اسپتال ۾ دوائون نٿيون ملن ان شڪايت کي فوري دور ڪيو وڃي جيڪڏهن ڪٿي ڳالهائڻ جي ضرورت آهي ته اسين ڳالهائينداسين جنهن تي ايم ايس ڪيس يقين ڏياريو ته ڪوشش ڪنداسين دوائن جي کوٽ کي پورو ڪيون

هنگورجا جي ايور گرين پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام

پرنسپال سميت استادن، والدين ۽ اسڪولي ٻارڙن جي ثقافتي ويس پهري شرڪت

ثقافتي پروگرام ۾ شاگردن مختلف اصلاحي ٽيبلوز پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي

هنگورجا (ن ع) ايور گرين پبلڪ هاءِ اسڪول هنگورجا ۾ ثقافتي ۽ سالياني رزلٽ اناؤنس ڪرڻ واري شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ڊگري ڪاليج هنگورجا جي پرنسپال پروفيسر نورالدين شيخ، گرلس هاءِ اسڪول هنگورجا جي هيڊ ماسترياڻي ميڊم صائما مغل پرائمري اسڪول گلال محلا جي هيڊ ماسترياڻي فائزا ميمڻ ڏڏائي پرائمري اسڪول جي هيڊ ماسترياڻي خادم جعفر ٽانوري، خيرپور صحافي اتحاد خيرپور جي چيئرمين غلام حسين چانگ شمن راڄپر، عبدالجبار چانگ اسڪول جي ايڊ منسٽريٽر غلام جعفر ٽانوري، پرنسپال سيد ثابت علي شاهه سميت استادن، والدين ۽ اسڪولي ٻارڙن ثقافتي ويس پهري شرڪت ڪئي تقريب ۾ اسڪولي ٻارڙن سنڌي ثقافت تي تقريرون، مقالا پيش ڪيا ۽ مختلف گيتن تي جهمريون پائي خوب داد حاصل ڪيو جڏهن ته شاگردن مختلف اصلاحي ٽيبلوز پيش ڪري واهه واهه ڪرائي ڇڏي. تقريب دوران پنجاب کان آيل جادوگر فن جو مظاهرو ڪيو جڏهن ته سالياني امتحان ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن تورڙي شاگرديائين ۾ تقريب جي مهمانن پڻ سرٽيفڪيٽ ۽ گولڊ ميڊل جا انعام پڻ ڏنا تقريب ۾ مقررين ۽ شاگردن پنهنجي تقريرن ۾ چيو ته سنڌي ثقافت صديون پراڻي شاندار ثقافت رهي آهي عظيم ۽ قديم ثقافت جا اسين وارث آهيون هرسال ثقافتي ڏهاڙي کي قومي عيد جو ڏهاڙو ڪري ملهائينداسون.

هنگورجا: ايور گرين پبلڪ هاءِ اسڪول ۾ ثقافتي پروگرام جو ڏيک

ڪوٽ غلام محمد جي قائداعظم ايليمنٽري اسڪول ۾ ثقافتي تقريب

تقريب دوران شاگردن دلڪش تقريرون ۽ ٽيبلوز پيش ڪيا، ثقافتي شين جي نمائش

اهڙيون تقريبون نئين نسل کي پنهنجي مٽي سان وڌيڪ وابسته ڪن ٿيون: استاد

ڪوٽ غلام محمد (ن ع) گورنمنٽ قائداعظم ايليمنٽري اسڪول ۾ اڄ سنڌي ثقافت جو ڏينهن وڏي جوش ۽ جذبي سان ملهايو ويو تقريب جي صدارت هيڊ ماسٽر نوماس سنگهيڙا ڪئي، جتي سينئر ٽيچر صبدال ٻير (ايڇ ايس ٽي) محمد علي راڄو ۽ ٻين سينيئر استادن به ڀرپور شرڪت ڪئي. تقريب دوران شاگردن دلڪش تقريرون ٽيبلو ۽ مختلف ثقافتي نمائشون پيش ڪري سنڌ جي هزارين سالن پراڻي تهذيب، روايتن ۽ ريتن رسمن کي پيٽا پيش ڪئي شاگردن جي پرفارمنس کي استادن ۽ مهمانن ساراهيندي چيو ته ثقافت قومن جي سڃاڻپ هوندي آهي ۽ اهڙيون تقريبون نئين نسل کي پنهنجي مٽي سان وڌيڪ وابسته ڪن ٿيون. آخر ۾ اسڪول انتظاميه طرفان سنڌي ٽوپي اجرڪ جي عظمت کي سلام پيش ڪيو ويو ۽ سڀني شرڪت ڪندڙن جي ڀرپور ڪردار کي ساراهيو ويو.

ٻيوقمبراڻي لڳ ڳوٺ نظام دين آرائين ۾ عدالتي حڪم تي قبرڪشائي

ٻيوقمبراڻي (ن ع) ٻيوقمبراڻي لڳ ڳوٺ نظام دين آرائين ۾ قبرستان ۾ اڙهائي مهينا اڳ دفن ٿيل ٻي ايس ڊيٺي جي حد لڳ چهون واڪر وٽ تيز رفتاري سبب ڪار ڪلٽي ٿي هئي جنهن ۾ اسد جمالي ۽ چيلارام ڪولهي سوار هئا جنهن ۾ چيلارام ڪولهي سخت زخمي ٿي پيو هو جنهن کي سول اسپتال جهڏو آندو ويو هو جتي ڊاڪٽرن ٻاويهه سالا نوجوان چيلارام جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي هئي جڏهن ته سندس ماءُ جهاجو ڪولهي کي شڪ هو ته منهنجي پٽ کي قتل ڪيو ويو آهي اهڙي درخواست سندس ماءُ ميجسٽريٽ کو ماتلي کي ڏني جنهن ۾ مئجسٽريٽ ڪو ماتلي محترم سجاد علي چانگ جي نگرانيءَ ۾ اڄ ميڊيڪل بورڊ جي ٽيم قبر ڪشائي ڪري جزا ورتا.

ٽنڊوالهيار: معياري ويجهو مسو ۾ ڊي جي ايگريڪلچر سنڌ حاجي امداد ميمڻ پاران مفت طبي ڪيمپ

هالا (ن ع) معياري ويجهو مسو ۾ معروف شخصيت، ڊي جي ايگريڪلچر سنڌ حاجي امداد ميمڻ پاران ٻن ڏينهن واري مفت اکين جي لڳايل ڪيمپ ۾ لاهور ۽ ڪراچي جي ماهرين ڊاڪٽرن پاران 400غريب،مسڪين مريضن جا مفت آپريشن ڪرڻ سان گڏ 2000 هزار مريضن جو معائنو ڪري مفت عينڪون/دوائون ڏنيون ويون ،ڪيمپ ۾ اڳوڻي ڊائريڪٽر ايگريڪلچر صلاح الدين شاهه راشدي، نديم ميمڻ حاجي ارشاد، امام علي ابو بڪر ميمڻ بصير ذوالفقار تنيس اسحاق، شعيب، آفتاب،سينيئر صحافي محمد افتخار ميمڻ عبدالرحيم ميمڻ ،عبدالقادر، ٻيا سماجي اڳواڻ معززين پڻ موجود هئا ،ڪيمپ لڳائيندڙ حاجي امداد ميمڻ ڳالهائيندي چيو ته خدمت خلق الله تعاليٰ جي راضپي جو ذريعو آهي اهو خدمت جو سفر هميشه جاري رهندو هن وڌيڪ چيو ته ...

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
جمع 12 ڊسمبر 2025ع

پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو آءِ ايس آءِ سربراهه کي فوجي عدالت طرفان سزا

پاڪستان جي فوج جي تاريخ ۾ هڪ اهڙو اهم واقعو پيش آيو آهي جڏهن آءِ ايس آءِ جي اڳوڻي سربراهه، ليفٽيننٽ جنرل رٽائرڊ فيض حميد کي فوجي عدالت (فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل) پاران ڇهن الزامن جي بنياد تي 14 سال قيد بامشقت جي سزا ٻڌائي وئي. آءِ ايس پي آر جي مطابق، هن فيصلي کان پوءِ پاڪستان ۾ فوجي ۽ سول ڪاتي جي وچ ۾ احتساب جي هڪ نئين راهه کلي آهي، جيڪا عوام جي اعتماد لاءِ اهم ثابت ٿي سگهي ٿي. آءِ ايس پي آر جي جاري ڪيل پريس رليز ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته فيض حميد خلاف الزامن ۾ سياسي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ، آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي ڀڃڪڙي، اختيارن ۽ سرڪاري وسيلن جو غلط استعمال ۽ شهرين کي نقصان پهچائڻ شامل هئا. 15 مهينن جي تفصيلي ڪورٽ مارشل جي ڪارروائي کان پوءِ عدالت سڀني الزامن ۾ ڪيس قصوروار قرار ڏنو ۽ ڪالهه 11 ڊسمبر تي سزا ٻڌائي وئي. فيصلي جي اعلان کان پوءِ فيض حميد جي وڪيل ميان علي اشفاق چيو ته انهي عدالتي فيصلي خلاف اپيل داخل ڪرڻ جا آپشن موجود آهن ۽ اهي فوراً مناسب فورم تي درخواست جمع ڪرائيندا. ان سان گڏ آءِ ايس پي آر پڻ واضح ڪيو ته ملزم کي پنهنجي مرضيءَ جي دفاعي ٽيم رکڻ جو حق مليو هو ۽ عدالت جي ڪارروائي مڪمل قانوني عمل تحت ڪئي وئي.

اها پڻ ذڪر جوڳي ڳالهه آهي ته پاڪستان ۾ هيءُ پهريون ڀيرو آهي، جڏهن آءِ ايس آءِ جي سربراهه کي عدالت جي فيصلي تحت سزا ٻڌائي وئي آهي. ماهرن موجب آرمي ايڪٽ جي ڪجهه شقن جهڙوڪ سيڪشن 31 ۽ 40 موجب مالي بدعنواني، فراڊ ۽ بغاوت جهڙن الزام ۾ فوجي آفيسرن خلاف ريٽائرمنٽ کان پوءِ پڻ ڪارروائي ٿي سگهي ٿي، جنهن تحت فيض حميد کي سزا ڏني وئي. فيض حميد جي خلاف ڪارروائي ٽاپ سٽي هائوسنگ سوسائٽيءَ سان لاڳاپيل معاملي جي پس منظر ۾ پڻ ٿي، جنهن ۾ 2017 ۾ آءِ ايس آءِ ۽ پاڪستان رينجرز جي اهلڪارن پاران مبينه طور تي ٽاپ سٽي جي آفيس ۽ گهر تي ڇاپو مڙيو ويو هو. ٽاپ سٽي هائوسنگ سوسائٽي جي مالڪ معيز احمد خان جي درخواست تي سپريم ڪورٽ پاڪستان 2023 ۾ ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ۽ آرمي قيادت کي فيض حميد خلاف تحقيقات جو حڪم ڏنو هي ڪيس نه رڳو هڪ فوجي ڪارروائيءَ جو معاملو آهي پر پاڪستان ۾ فوجي آفيسرن جي اختيارن، احتساب ۽ شفافيت بابت پڻ اهم سوال بڻجي ٿو جڏهن ڪنهن به اعليٰ فوجي آفيسر خلاف الزامن جي تصديق ٿئي ٿي ته ان جو اثر نه صرف فوج جي داخلي ماحول تي پوي ٿو پر عوام جي اعتماد تي به اثر انداز ٿئي ٿو بئي پاسي، فيض حميد خلاف سياسي سرگرمين ۽ عدم استحڪام وڌائڻ جون ڪوششون پڻ جاچ هيٺ آهن، جنهن جو مقصد عوامي اعتماد کي تحفظ ڏيڻ آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۽ فوج جي شفاف ڪارروائيءَ مان اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ فوجي ۽ سول ادارا گڏجي قانون ۽ انصاف جي عمل کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. ٽاپ سٽي ڪيس ۽ فوجي عدالت جي فيصلي مان اها ڳالهه پڻ اڀري ٿي ته ملڪ ۾ اعليٰ فوجي آفيسرن جي اختيارات جي حدن جو صحيح طريقي سان جائزو وٺڻ لازمي آهي. جيڪڏهن ڪنهن آفيسر يا رٽائرڊ سربراهه جي ڪاروائين سان ملڪ يا شهرين کي نقصان پهچي ته ان جي جوابدهي لازمي آهي. هيءَ پيش رفت پاڪستان ۾ احتساب جي عمل کي مضبوط ڪري سگهي ٿي ۽ مستقبل ۾ اهڙن ڪيسن لاءِ هڪ مثال بڻجي سگهي ٿي.

بهرحال، فيض حميد جو ڪيس پاڪستان ۾ فوجي ادارن جي شفافيت، قانون جي بالادستي ۽ عوامي اعتماد لاءِ هڪ اهم سنگ ميل آهي. جڏهن ته ڪيس اپيل جو حق موجود آهي پر اهو فيصلو ظاهر ڪري ٿو ته ڪنهن جي عهدي يا حيثيت جي باوجود قانون سڀني لاءِ برابر آهي.

تاريخي ماڳ ڪارونجهر ۽ فطري حسناڪيءَ سان هٿ چراند!


سڄاد علي خاصخيلي

ڪارونجهر پربت صديون اڳاٽي تهذيب جو شاهڪار اهڃاڻ هئڻ سان گڏ فطري حسناڪين جو مظهر ۽ اسان جي ساهه جي رڳ آهي. ڪارونجهر جبل کي هڪڙي عالميگري ۽ تاريخي حيثيت حاصل آهي. اگر تاريخ جا ورق اٿلائينداسين ته وهامي ويل هزارين ورهين جي ريتن، رسمن، رواجن، مذهبن، مذهبي روايتن، امن، آڇپي، ثقافت ۽ تهذيب ان دور جي انساني نفسياتي لاڙي ۽ ارتقا جي تاريخ جو پتو ڪارونجهر جبل جي تاريخ مان پوي ٿو. اڻين جوڙ ۾ ڪوڏاءَ نه ٿيندو ته ڪارونجهر سنڌ جي صديون اڳاٽي تاريخ جي وجود جو هڪڙو ورق آهي. جنهن ۾ ڪيترا ئي عشقيه، نيم عشقيه، رزميه ۽ تاريخي داستان دفن ٿيل آهن.

ڪارونجهر جبل ڪيترن ئي افسانن، ڪهاڻين، لوڪ ڪٿائن، داستانن، لوڪ آکاڻين، ڌرمي قصن، روايتن، وارتائن ۽ وارداتن سان مالا مال تواريخ جو هڪ ڳجهو راز، دستاويز ۽ داستان آهي. انهيءَ راز، قصن ۽ ڪهاڻين کي پين سان سلڻ جي اشد ضرورت آهي نه ته جبل کي ڪيپي ۽ ڪوري اهي تاريخي داستان مٽائڻ ۽ ميسارڻ جي.

بي بها قيمتي پٿر ۽ معدني ذاتن سان مالا مال ڪارونجهر جبل لاءِ مشهور آهي ته هيءُ جبل هر روز سوا ڪلو سون جيتري ايٽ ڏي ٿو مطلب ته روز جي بنياد تي ڪارونجهر جبل مان سوا ڪلو سون جيترو اپراسو يعني منافعو ڪمائي سگهجي ٿو مطلب ته ڪارونجهر جبل هتان جي مقامي ماڻهن جي روزگار جو اهم ذريعو تڙي مال موشي، پکين، جيتن ۽ جانورن جو چراگاهه توڙي رهائشگاهه هئڻ سان گڏ جياپو پرورش ۽ پالنا ڪندڙ آهي. اولاد جي پالنا هميشه ماءُ ۽ پيءُ ئي ڪندا آهن، تنهنڪري اڻين جوڙ ۾ ڪوڏاءَ نه ٿيندو ته ڪارونجهر اسان جو پيءُ به آهي ته ماءُ پڻ آهي. ڪارونجهر جي جبلي سلسلي مان انيڪ آبشار وهي ڌرتيءَ جو دامن سيراب ۽ سرسبز ۽ شاداب بڻائين ٿا. مينهن جي رُت ۾ ڪارونجهر جي هنج ۾ ڦُٽندڙ انيڪ قسمن جو ساوَ گاهه ۽ قدرتي جڙي ٻوٽيون نسري نروار ٿين ٿيون، جيڪي جسماني روڳ لاءِ انتهائي مفيد، فائديمند، ڪارائتيون ۽ ڪارگر ثابت ٿين ٿيون. ڪارونجهر نه رڳو فطري حسناڪين جي حوالي سان مشهور ۽ معروف آهي، مگر هن جبل ۾ ڪيترا ئي تاريخي داستان دفن ٿيل آهن.

هن جبل ۾ ڪيترن ئي مختلف مذهبن جا پاڪ پوتر ۽ مقدس آستان موجود آهن. جهڙوڪ هندومت ۽ جين ڌرم وغيره جا مندر جيڪي پوڄا پاٺ ڌرمي ڪرياڪرم جون پوتر جايون آهن. جنهن سان انهن مذهبن کي اپنائيندڙ ماڻهن جو روحاني رشتو ۽ جذباتي تعلق جي تند جڙيل آهي مطلب ته تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت جي رنگين سياحتي ماڳن يا مڪانن ڌرمي ماڳن کان وٺندي فطري حسناڪين سان سرشار ۽ انسان توڙي جانورن وٽن پکين ۽ پوپٽن جي جياپي جو جواز ڪارونجهر جبل آهي. هن ڪُل ڪائنات ۾ فطري حسناڪيءَ جي حوالي سان هن جبل جو ڪو مٽ يا ثاني ۽ همسر نه آهي. ڪارونجهر لاثاني لاثاني بي مثل ۽ بي نظير جبل آهي. اگر ڏٺو وڃي ته جبلن کي دنياوي تاريخ ۾ پڻ وڏي حيثيت ۽ اهميت حاصل آهي. مسلمانن لاءِ ڪوهه صفا ۽ مروه مقدس ماڳ آهن. ٿيئن يهودين لاءِ طور سينا جو مقام اونچو آهي. اٿين ئي سنڌي قوم لاءِ ڪارونجهر پربت جو رُتبو مٿانهون ۽ معتبر آهي. سنڌي قوم جي ڪارونجهر جبل سان مترتا آهي ۽ سنڌي قوم ڪارونجهر سان انتهائي جاهه ۽ جلال سان پريم ڪري ٿي. ڪارونجهر جبل سنڌون ماٿريءَ جو جهومر آهي ۽ سنڌي قوم جو روح آهي. ڪارونجهر جبل سنڌي قوم لاءِ ساهن جي سودي مثل آهي.

سنڌ جي سونهاري ڌرتي ۽ ڌرتيءَ جي ماٿريءَ جو جهومر ڪارونجهر سنڌ جي حقيقي ۽ حلالي ٻچن لاءِ ساهن جو سودو ۽ عشق آهي. جڏهن ته پين لاءِ ڌرتي ۽ ڪارونجهر ٻئي پنهنجو پيٽ پرڻ جو ذريعو آهن. جنهن کي وکرو ڪري اهي پنهنجا اٿانا بڻائيندا آهن. انهن وکرو ڪندڙن کي ڪو ٻڌائي ته ديس ۽ ڪارونجهر جبل ڪو وکر ناهي، مگر هيءُ ته اسان جي جياپي جو جواز آهن! ڪارونجهر ته سنڌ ڌرتيءَ جي سونهن ۽ سندرتا آهي. ڪارونجهر جبل ته قدرت جي ڪمال ڪلا ۽ ڪاريگريءَ سان ٺهيل ڌرتيءَ جي مانگ ۾ پريل سندور ۽ ڪرشمه قدرت آهي.

ڪارونجهر جبل جي دامن ۾ هيڏا سارا عشقيه، نيم عشقيه، رزميه، مذهبي، تاريخي داستان، افسانا ۽ روايتون سمايل هئڻ جي باوجود ۽ هن جبل ۾ رُوپلي جهڙي بهادر، سگهاري ۽ جُرئتمند پهلوان وطن ۽ ويڙهيچن جي وجود لاءِ انگريزن سان مُهاڏو اٽڪائيندڙ سچي سورهيه سپاهيءَ جي بهادري، سورهيائي، شُجاعت ۽ اٽل ارادن جا داستان ۽ دشمن قوتن کي رُڪ جا چڻا چٻائيندڙ رُوپلي ۽ سوروير سپاهي ۽ سپوت سوڍن جي رڙ للڪار گجگوڙ سان گونجندڙ هڪل شامل آهي، مگر ان جي باوجود طمع جي تندور ۾ ٻُچندڙ لوڀ ۽ لالچ ۽ حرص اجڪلهه جي ماڻهن کي نابين بڻائي ڇڏيو آهي ۽ انهن انسانن جي اکين جي طمع جو ٺهر چڙهيل آهي. جيڪي تاريخ جي ڳُجهي راز ۽ سنڌ ڌرتيءَ جي عظيم ورثي ڪارونجهر جبل جو ڪنڌ ڏن ۽ چند ٽڪڙن لاءِ ڪپي رهيا آهن. مگر اها ڳالهه ذهن نشين ڪري ڇڏين ته جنهن جو ڪنڌ

فيض حميد کي 14 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا!

"الله تعاليٰ غرور ڪرڻ وارن کي پسند نٿو فرمائي" (سورة النحل، آيت 23) الله جي انهيءَ واضح پيغام باوجود انسان اهو وساري ٿو ويهي ته آن کي ڪڏهن پڇاڻي مان به گذرڻو پوندو خاص ڪري انسان جڏهن طاقت ۾ هوندو آهي ته اهو پنهنجي انجام کي وساري ويهندو آهي، حالانڪ ڏٺو وڃي ته انسان مٽيءَ جي ڇپٽيءَ کان سواءِ ڪجهه ناهي! هتي هن تمهيد جو مقصد پڙهندڙن کي آن خبر ڏانهن متوجه ڪرڻ هو جنهن پاڪستان جي لڳ ڀڳ سموري عوام کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو آهي، بلڪ ڏندين آڱريون اچڻ وارو اصطلاح استعمال ڪجي ته غلط نه ٿيندو ماڻهن کي مٿيان لڳي آهي ۽ آهي حيران آهن ته ڇا مُلڪ ۾ هاڻ اِئين به ٿي سگهي ٿو! اڪثر ماڻهن آن خبر جي بنياد تي اِهي تبصرا ڪرڻ شروع ڪيا آهن ته هاڻ هِن مُلڪ کي سُڌاري يا ترقيءَ جي راهه تان ڪير به ٿيڙي نٿو سگهي. ڇو ته هيءُ مُلڪي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو آهي جو ڪنهن طاقتور ماڻهوءَ کي سزا ٻڌائي وئي آهي. ڳالهه ڪجهه هيئن آهي ته ڊي جي آءِ ايس آءِ، ليفٽيننٽ جنرل (ر) فيض حميد کي فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل جي ذريعي 14 سال قيد بامشقت جي سزا ڏني وئي آهي. پاڪ فوج جي شعبه تعلقات عامه جي مطابق فيض حميد تي 4 سنگين الزامن جي تحت ڪيس هلائي ويو سياسي سرگرمين ۾ ملوث ٿيڻ، آفيشل سيڪريٽ ايڪٽ جي خلاف ورزي، اختيارن ۽ سرڪاري وسيلن جو غلط استعمال ۽ ماڻهن کي نقصان پهچائڻ. ان طويل ۽ مفصل قانوني ڪارروائيءَ کان پوءِ عدالت فيض حميد کي سڀني الزامن ۾ قصوروار قرار ڏيندي سزا ٻڌائي آهي.

دفاع واري وزير خواجه آصف هن فيصلي تي پنهنجو ردعمل ڏيندي چيو آهي ته "قوم فيض حميد ۽ جنرل (ر) قمر جاويد باجوه جي ڇٽيل ٻجن وارو فصل لُڻي رهي آهي." سندس بيان مان ظاهر ٿئي ٿو ته فوجي قيادت جا فيصلا ۽ پاليسيون قوم جي مستقبل تي طويل اثر وجهن ٿيون. هن پنهنجي بيان ۾ دعا ڪئي ته طاقت ۽ اقتدار کي صرف الله جي عطا سمجهندي، ان کي عوام جي بهتريءَ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ۽ حڪمرانن ۾ خوفِ خدا جي جذبي کي وڌايو وڃي. اطلاعات واري وزير عطا تارڙ پڻ فيصلي تي پنهنجو موقف پيش ڪيو ۽ چيو ته "اهو فيصلو حق ۽ سچ جي فتح آهي." هن وڌيڪ بيان ڪيو ته فيض حميد جي خلاف سڀئي شاهد عدالت ۾ پيش ڪيا ويا ۽ ڪيس پنهنجي دفاع جو مڪمل موقعو مليو. عطا تارڙ جو چوڻ هو ته فوج ۾ خود احتسابيءَ جو عمل تمام مضبوط آهي.

هي فيصلو سياسي تناظر ۾ پڻ اهم آهي، ڇاڪاڻ ته فيض حميد پي ٽي آءِ جو سياسي مشير پڻ رهيو آهي. فوجي ادارن ۽ سياسي ڪردار جي وچ ۾ تعلقات هميشه حساس رهيا آهن ۽ جڏهن ڪو فوجي اڳواڻ سياسي معاملن ۾ ملوث ٿئي ٿو ته اهو نه رڳو ادارتي ذميواريءَ جو سوال پيدا ڪري ٿي، پر ملڪ ۾ سياسي استحڪام لاءِ پڻ چئلينج بڻجي سگهي ٿي. فيض حميد جي خلاف ٿيل ڪارروائي ڏيکاري ٿي ته فوج ۾ داخلي خود احتسابي ڪيئن مضبوط طريقي سان عمل ۾ آئي ۽ قانون سڀني لاءِ برابر آهي.

جنيد شيخ

اهو فيصلو پاڪستان جي عدالتي ۽ فوجي نظام لاءِ هڪ مضبوط مثال آهي ته ملڪ ۾ طاقتور ادارا به قانون کان مٿانهان نٿا ٿي سگهن فيلڊ جنرل ڪورٽ مارشل جي ذريعي ڪيل ڪارروائي 12 آگسٽ 2024 تي شروع ٿي ۽ 15 مهينن تائين جاري رهي، جنهن دوران عدالت هر زاويي کان شاهدين ۽ بيانن جو جائزو ورتو. نتيجي طور فيض حميد کي سڀني الزامن ۾ قصوروار قرار ڏئي 14 سال سخت پورهئي سان قيد جي سزا ڏني وئي. هتي اهو پڻ واضح ڪرڻ ضروري آهي ته فيض حميد جي سياسي عنصرن سان ملي ڀڳت ۽ سياسي افراتفري پيدا ڪرڻ وارن معاملن کي الڳ طريقي سان ڏٺو پيو وڃي ان مان اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته فوجي ادارو صرف فرد جي خلاف ڪارروائي نٿو ڪري پر سياسي ۽ ادارتي استحڪام کي به يقيني بڻائڻ لاءِ قدم کڻي ٿو.

ان فيصلي تي مختلف ردعمل سامهون آيا آهن پر سڀ کان اهم ڳالهه اها آهي ته فوج ۽ عدالتن ۾ شفافيت برقرار رهي آهي اها قوم لاءِ هڪ سبق آهي ته قانون ۽ عدل سڀني لاءِ برابر آهن ۽ ڪنهن به طاقتور شخص کي پنهنجي حيثيت جي بنياد تي قانون کان مٿانهون نه رهڻ ڏنو ويندو مان اُنهن تجزيو ڪندڙن سان سو سيڪڙو متفق آهيان، جيڪي انهيءَ فيصلي کي هڪ وڏي تبديليءَ جي اميد قرار ڏين ٿا. مون کي اِئين به لڳي ٿو ته احتساب جو هيءُ عمل فقط فيض حميد تائين محدود نه رهندو، پر آن جو دائرو هاڻ وسيع ٿيندو ويندو ۽ امڪان آهن ته آهي ماڻهو به پڪڙ هيٺ اچن جن هنهي هتِن سان مُلڪ توڙي عوام کي لُٽيو آهي جيڪي ڪک پتيءَ مان ڪرب پتي بڻجي ويا آهن. ٿيڻ ته ايئن گهرجي ته گذريل ٽيهه سالن دوران سياستدانن توڙي ڪامورن جي ملڪيتن جو جائزو ورتو وڃي ۽ اِهو ڏٺو وڃي ته ٽيهه ورهيه اڳ اُنهن جي جا حلت هئي ۽ اڄ آهي ڪيتري عيش ۾ زندگي گذارين ٿا! اُنهن جي انهيءَ رقم جو وجود پڻ عوام جي آڏو اچڻ گهرجي ته آخر اُنهن وٽ اهڙو ڪهڙو گدڙ سُنگهي هُئي، جنهن ذريعي آهي ملڪيتن جا ملڪ بڻجي ويا آهن. جيڪڏهن احتساب جي دائري کي وڌائي اُنهن سڀني ماڻهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي ڪانئن ڪارو ناڻو ورتو وڃي ته هوند هيءَ ڏيهه آءِ ايم ايف جي ڪاڻ ڪڍڻ کان بچي پوي. بهرحال هِن ڪيس ۾ ايترو ضرور سمجهي سگهڻ لاءِ مليو آهي ته طاقت ۽ اقتدار کي صرف پنهنجي مفاد لاءِ استعمال نه ڪيو وڃي، بلڪ ان کي عوام جي خدمت ۽ ملڪ جي بهتريءَ لاءِ وقف ڪيو وڃي. خوف خدا، انصاف ۽ شفافيت جي اصولن تي هلڻ ئي ڪنهن به ملڪ جي استحڪام ۽ ترقي جي ضمانت آهي.

’دل صرف شفقت ۽ ماءُ جهڙي محبت جي تلاش ۾‘


محمود شام

جڏهن به آئين لکڻ لاءِ ويهندو آهيان ته منهنجي سامهون پنهنجا گذريل 8 ڏهاڪا به سامهون هوندا آهن اسان آخر ڇا ڪجهه ناهي ڏٺو؟ ڪهڙو ڏک، ڪهڙي تڪليف ناهي سٺي؟ ڪهڙو حادثو آهي جيڪو هن قوم مٿان نه گذريو هجي؟ ڪهڙو لميو آهي جنهن اسان کي روئاڙي نه ڇڏيو هجي؟ ڪهڙي حڪومت جو تجربو اسان تي آزمايو نه ويو آهي؟ ڪيترائي حڪمران اسان جي مٿان آيا، ڪڏهن ڪو ظالم، ڪڏهن ڪو چالاڪ ڪڏهن ڪو مخلص ته ڪڏهن ڪو لالچي. ڪو آئين ناهيندڙ ته ڪو آئين ٽوڙيندڙ سڀ ڪجهه اسان پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي جڏهن منهنجون آڱريون ڪاغذ تي اکر لکڻ شروع ڪن ٿيون. ته مون کي هر پاسي کان صدائون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون، ڪٿي لڳي ٿو جڻ ڪراچي جي جيل مان ڪو درد ڀريو رڙ ڪري رهيو آهي ڪٿي خضدار مان خوفناڪ آهون آسمان ڏانهن اڀري رهيون آهن ڪڏهن محسوس ٿئي ٿو ته مڇ جيل مان فغانن جو آواز هوا ۾ گونجي رهيو آهي منٽگمري جيل ۾ لڳي ٿو جڻ بند قيدين تي حبس، تپش ۽ ڏک وڌندو پيو وڃي اٽڪ قلعي ۾ ڪا اڻ ڏٺل ٻرڪ ڪا باهه جهڙي چنگاري اڃا به سُلگي رهي آهي حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ڪوڙا ڪيس ۽ عدالتن جا سلسلا جهڙوڪ روزانو جي روٽين بڻيا پيا هجن ڪوهه مُردار تي پراسرار پاڇا لڳي ٿو جڻ وڪ وڪ تي ڏڪندا ۽ لڏي رهيا هجن ڪٿي پهاڙي تي لڳي ٿو جڻ رت جي برسات ٿي رهي هجي، هر طرف خوف ۽ انديشو ڇانيل هجي شاهي قلعي ۾ مزاحمت جا ترانا، جدوجهد جا نعرا اڄ به ڪنن ۾ گونجڻ لڳن ٿا. ڏک ته اِهو آهي جو اڄ به 25 ڪروڙ ماڻهن مان لڳ ڀڳ اڌ آبادي، 48 سيڪڙو غربت جي ليڪ کان هيٺ، هن وقتن جي ماٺيءَ لاءِ سهڪي رهي آهي واهگا کان گوادر تائين عام ماڻهو ڪنهن سٺي سچ اڀرڻ ڪنهن روشن صبح جي اميد ۾ اڃا تائين اونداهين سان ويڙهه ڪري رهيا آهن اڄ جيڪا چوٿين يا پنجين نسل زنده آهي اها پنهنجي گهرن جي پٽين تي فقط اداسيءَ کي ڪليل وارن سان سُتل ڏسندي پئي وڏي ٿئي هنن ۾ اهي ماڻهو به شامل آهن جيڪي ورهاڱي کان اڳ ئي اُنهن علائقن ۾ رهندا هئا، جتي مسلمان گهٽي تعداد ۾ هوندا هئا. اهي جمڻ کان ئي پاڪستاني آهن سچ پچ موروثي پاڪستاني هتي اهي ان نسلن وارا ماڻهو به رهن ٿا جن پنهنجا سُهڻا، آباد گهر ڀاڻ ڇڏي ڏنا، مسلمانن لاءِ ٺاهيل نئين وطن ۾ رهڻ جي اميد سان پنهنجي ٻارن جي محفوظ ۽ پڪي معاشي زندگي لاءِ آزاديءَ سان پنهنجي مرضيءَ جي زندگي گذارڻ لاءِ پر افسوس ته هيءَ اڪثريت جيڪا 90 سيڪڙو کان گهٽ نه آهي. انهن جي جڻن نسلن ڪڏهن خوشحالي نه پري، سادي مطمئن زندگي به نه ڏٺي انهن جا ڏينهن ۽ راتيون هميشه تڪليف، ڏک ۽ بيچينيءَ ۾ گذريا ۽ جيڪي ماڻهو، انهن جي دردن کي محسوس ڪرڻ لاءِ انهن کي نجات ڏيڻ لاءِ اڳتي آيا انهن کي جيلن جي تنگ، اونداهين ڪوٺڙين ۾ سالن جا سال بند ڪيو ويو، فقط ان ڪري جو اهي وطن سان محبت جو گيت ڳائيندا هئا ڪي ته ڦاهيءَ جي تختي تي چڙهائي ماريا ويا اهي اڪثريت وارا ماڻهو اهو منظر به ڏسي چڪا آهن ته جيڪي لالچ ۾ ٻڏل هئا، جيڪي ڪرپشن جا عادي هئا، انهن کي انعام مليا، سندون ڏنيون ويون، انهن جي ڪاروبار ۾ آسانيون ڪرايون ويون ۽ اڪثريت جا پنهنجا ٻار، پنهنجا جوان، پنهنجون ڌيئرون ٿاڻن ۽ ڪورٽن ۾ رلندا رهيا، انصاف لاءِ در در تي ڌڪا کائيندا رهيا. اسان ته اڳ ئي گهڻو ظلم سهي ورتو آهي گهٽيون راتيون جاڳي گذاريون آهن هر قسم جا حڪمران ڏسي چڪا آهيون فوجي آمر به، سول ڊڪٽيٽر به، سخت مزاج رياست به، طاقتور مرڪز به، حڪومت جو ڏنڊو به ۽ اَنڌير نگري چوپٽ راڄ جهڙا منظر به هاڻي هي ڪروڙين ماڻهو فقط شفقت ۽ ماءُ جهڙي محبت جا اميدوار آهن اهي هاڻي اهڙو ’پيءُ‘ چاهين ٿا، جيڪو بلڪل پنهنجن ٻارن جي سڄي پيءُ وانگر هر قسم جي تڪليف پاڻ برداشت ڪري، پر پنهنجي ٻارن جي تعليم جو فڪر ڪري، جيڪو پنهنجو پيٽ ڪاٽي به اسڪولن جون فيسون ڀري، پاڻ هن وقتن جي ماني کائي يا نه. پر پنهنجي ٻار کي اسڪول وڃڻ کان اڳ سٺو ناشتو ڪرائي اهڙو پيءُ جيڪو گهر کي مضبوط ڪري، سڀني ٻارن کي هڪجهڙي پرورش ڏئي، اهڙو ماحول ناهي، جنهن ۾ هر ڪنهن کي معاشي طور اڳتي وڌڻ جا برابر موقعا ملن اهي اهڙي ’ماءُ‘ چاهين ٿا، جيڪا پنهنجي سڳي ماءُ وانگر هر ڏکيائي سهي، پر ٻارن کي خوف يا خطري جي ويجهو به نه اچڻ ڏئي. وطن جي سلامتيءَ جي نالي تي هن اڪثريت تمام وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. تاريخ جا ورق شاهد آهن ته غربت جي ليڪ کان هيٺ زندگي ڪهڙي تڪليف سان گذري ٿي ۽ 1985ع ڪانپوءِ غربت هيٺ رهندڙ ماڻهن جو هجوم ڪيئن وڌندو ويو. اهي اڄ به تاريخ کان پڇن ٿا ته 3600 رپين ۾ ڪهڙي طرح سڄو مهينو گذارجي؟ جن کي پنهنجي حصي جي ماني به پوري نه ملندي هجي ته اهي پين جو حق ڪيئن کائي ٿا سگهن؟ پر ظلم اهو آهي ته اڃا به انهن کي ٽي ٽائن ۾ ڌڪا ڪاٽٽا پون ٿا. اهي ڪيترائي قيامتون ڏسي چڪا آهن. ڪيترائي ماڻهن جي رعونتن، بچڙائي ۽ بدتميزيون سهي چڪا آهن. لکين هاري پنهنجي وڏيرن جي صديون پراڻي مطلقي حڪمرانيءَ کي صبر سان سهي رهيا آهن. لکين هاري پنهنجي چوڌرين جي زور ۽ دهشت هيٺ سالن کان دٻيل آهن. بلوچستان ۾ عام بلوچ پنهنجي سردارن جي عياشين کي برداشت ڪرڻ لاءِ غربت قبولي ٿو ۽ ڪي پي ڪي ۾ محنت ڪش ماڻهو خانن جي تلوارن، برچن ۽ حڪمن جي نوڪن تي پنهنجا ڏينهن ۽ راتيون گذاري رهيا آهن هاڻي هي سڀ ماڻهو فقط هڪ محبت ڀري نگاهه جا منتظر آهن. اهڙي صبح جي آس ۾ ٿا رهن جنهن ڏينهن کين پڪو يقين هجي ته اڄ سندن ڏينهن ڪنهن ناانصافي ڏسڻ کانسواءِ گذرندو، ڪو جج جو پٽ قانون کان مٿانهون ٿي انهن جي ڌيئرن کي نه ڪُچلي انهن جا ٻچا ڪنهن ڪليل مين هول ۾ نه ڪرن. شام جو سندن محنت جي مزدوري مان ڪٽوتي نه ڪئي وڃي. سرڪاري اسپتالن ۾ انهن کي پنهنجن مريضن کي فرش تي ليٽائڻو نه پوي. انهن کي رڳو محبت جي هڪ هلڪي ٿپڪي، انسانيت ڀري هڪ نظر گهربل آهي آهي اهڙا سرڪاري نوڪر گهرندڙ آهن. جيڪي انهن جي خدمت لاءِ هجن نه ڪي اهي جيڪي اي-چالانن جي نالي تي غريبن کي حوالات ۾ بند ڪن. جديد ٽيڪنالاجي سوشل ميڊيا ۽ برقي حڪمراني سندن لاءِ به خوشحاليءَ جو ڪو دور آڻي. هر هنڌ لڳل ڪيمرائن جي نظر سندن صرف بيلٽ تي نه وڃي، پر انهن جي وارن تي لڳل مٽيءَ کي به ڏسي، انهن جي اکين ۾ بي وسي به، انهن جي ڦاٽل قميص به، انهن جون ٽٽل جُتيون به ڏسي واهگا کان گوادر تائين، ڪيرٿر کان خنجراب تائين، وادي نيلم کان مظفرآباد تائين چلاس کان شاهراهه قراقرم تائين رهندڙ هي ڪروڙين ماڻهو، الله جا نائب، رياست جي آغوش ۾ تحفظ جا طلبگار آهن. پوليس، فوج، عدالت جا عملدار، جج، جرنيل وزير، سيڪريٽري، وڪيل اهي به سڀ اسان جي ملڪ جا ماڻهو آهن. سڀني جا حق هڪجهڙا آهن. عام پاڪستاني ڪروڙين رپيا ٽيڪس ڏين ٿا. تڏهن رياست جي وڏن ۽ ننڍن آفيسرن، سپاهين ۽ عملدارن جون پگهارون، گاڏيون ۽ مراعتون هلن ٿيون. تنهن ڪري انهن کي غلام نه سمجهيو وڃي انهن سان محبت ۽ مائٽپ سان پيش اچجي، ته سندن دلين ۾ رياست لاءِ عزت پيدا ٿئي. رياست ماءُ جهڙي هئڻ گهرجي. تڪبر ۽ رعونت جو ته اڳ به تمام گهڻو استعمال ٿي چڪو آهي. اڄ اها سچي رعونت ۽ وڏائي مٽين مٽي هيٺ دفن پئي آهي. نه ڪنهن کي ياد آهن، نه ڪنهن جو نالو بچيو آهي. ياد رهن ٿا ته فقط اهي ماڻهو جن انسانيت، شفقت ۽ محبت نڇاور ڪئي هئي.

صدر سوبيانتو جو پاڪستاني دورو!

ڏکڻ اوڀر ايشيا جي هڪ اهم برادر مسلم ملڪ، انڊونيشيا جو صدر پرابوو سوبيانتو تازو ئي پاڪستاني دوري تي آيو. وفاقي حڪومت ڪيس ٻنهي ملڪن جي سفارتي رشتي جي 75هين سالگرهه جي تقريب ۾ شرڪت لاءِ دعوت ڏني هئي اڄ جي دور ۾ نه صرف ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا پر دنيا جا ٻيا خطا به جهڙوڪ وچ اوڀر، يورپ ۽ وچ اوڀر تيز رفتار جيو پوليٽيڪل تبديلين مان گذري رهيا آهن. اهڙي پس منظر ۾ انڊونيشيا جي صدر جو پاڪستان جو دورو خاص اهميت رکي ٿو پر اڳ ۾ ته اسين صدر پرابوو سوبيانتو جي دوري، مصروفيت ۽ نتيجن تي ڳالهايون ٿا. پاڪستان ۽ انڊونيشيا جي رشتي جي تاريخ جو ڪجهه جائزو وٺڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته اها هڪ دلچسپ ۽ اهم ڪهاڻي آهي. پاڪستان ۽ انڊونيشيا وچ ۾ محبت ۽ دوستاڻي رشتي جي بنياد پاڪستان جي قيام کان اڳ ئي رکيل هئي. 1945ع ۾ جاپان جي هٿيار ڦٽڻ کان پوءِ جڏهن انڊونيشيا تي پراڻي يورپي نوآبادياتي طاقت هالينڊ قبضو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته ان قوت جي برٽش انڊيا جي فوج ۾ شامل مسلم سپاهي انڊونيشيا جي عوام جي هٿياربند جدوجهد ۾ حصو ورتو هو ۽ ڪيترن ئي سپاهين شهادت جو مقام حاصل ڪيو. احمد سوڪارنو جيڪو ان جدوجهد جي قيادت ڪري رهيا هو، ان مسلم سپاهين جي وڏي قدر ڪئي. جيڪي موجوده پاڪستان جي مختلف ضلعن جهڙوڪ جهلم، راولپنڊي، اٽڪ ۽ چڪوال سان تعلق رکندڙ هئا. اهوئي سبب آهي جو 1965ع جي پاڪ-ڀارت جنگ دوران صدر سوڪارنو ڪراچي ۽ مشرقي پاڪستان جي حفاظت لاءِ پنهنجيون به آبدوزون موڪليون هيون. ان ڳالهه جي تصديق هڪ دوست کان به ملي، جيڪو انڊونيشيا ۾ سفارتي ڪم سرانجام ڏئي چڪو آهي.

1947ع ۾ پاڪستان جي قيام کان پوءِ ان وقت جي پاڪستاني حڪومت انڊونيشيا خلاف هالينڊ جي جارحيت جي مذمت ڪئي هئي ۽ عالمي برادريءَ کان انڊونيشيا کي تسليم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو هو. انڊونيشيا جو عوام ۽ حڪومت اڄ به پاڪستان جي اها قيمتي حمايت ياد رکي ٿو جيتوڻيڪ 1950ع ۽ 1960ع ۾ ٻنهي ملڪن جون پرڏيهي پاليسيون مختلف هيون.

1950ع ۽ 1960ع ۾ پاڪستان ڏکڻ اوڀر ايشيا جي دفاعي معاهدي ’سيٽو‘ ۽ وچ اوڀر جي ’بغداد معاهدو‘ (بعد ۾ سينٽو) ۾ شامل ٿي آمريڪا جو اتحادي بڻيو. جڏهن ته انڊونيشيا غير جانبدار پرڏيهي پاليسي اختيار ڪئي. صدر سوڪارنو غير جانبدار تحريڪ جو اهم اڳواڻ هو ۽ هندستان جي پنڊت نهرو، مصر جي صدر جمال عبدالناصر، گهانا جي نڪروما ۽ يوگوسلاويا جي مارشل ٽيٽو سان ان جا دوستاڻا تعلقات هئا. ان جي باوجود صدر سوڪارنو 1965ع جي جنگ ۾ پاڪستان جي ٻنهي حصن جي حفاظت لاءِ نه رڳو پنهنجيون به آبدوزون عملي سميت موڪليون هيون

ڊاڪٽر رشيد احمد خان

پر ڀارت جي وزيراعظم پنڊت نهروءَ جي پاليسين سان سخت اختلاف به رکندا هو. مثال جي طور تي هندي سمنڊ تي ڀارتي بالادستيءَ جي دعويٰ قبول نه ڪندي، انهن ان کي ’ايچرو ايشيائي اوشن‘ نالو ڏيڻ جي تجويز ڏني. 1950ع ۽ 1960ع ۾ ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ واپار، ثقافت ۽ تعليم ۾ ويجها تعلق قائم ٿيل هئا. پر 1971ع ۾ مشرقي پاڪستان جي الڳ ٿيڻ ۽ دفاعي معاهدي ’سيٽو‘ مان نڪرڻ کان پوءِ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ جو فوڪس اوڀر کان اولهه ڏانهن منتقل ٿيو. نتيجي طور ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ملڪن سان تعلقات ۾ ٿوري ٿڌ پيدا ٿي. پر ميان نواز شريف جي پهرين ۽ ٻئي دور ۾ (Look East)پاليسيءَ تحت انڊونيشيا، ملائيشيا، ٿائيلينڊ ۽ سنگاپور سان معاشي ۽ تجارتي تعلقات وڌايا ويا. هڪ اهم سبب آسيان (ASEAN)جي سرگرمين ۾ نمايان اضافو هو جيڪا ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ انڊونيشيا تي مشتمل آهي.

انڊونيشيا جي صدر جو پاڪستان جو دورو هڪ اهم وقت تي ٿيو جيئن ته ڄاڻ آهي، انڊونيشيا ۽ پاڪستان ٻنهي غزه ۾ جنگ بنديءَ جي نگراني ۽ امن قائم ڪرڻ لاءِ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي امن منصوبي تحت انٽرنيشنل سيڪيورٽي فورس (ISF)۾ شامل ٿيڻ تي رضاڪار ثابت ٿيا. صدر پرابوو سوبيانتو پڻ پنهنجي پاڪستان ۾ قيام دوران غزه ۽ فلسطين جو حوالو ڏيندي چيو ته پاڪستان ۽ انڊونيشيا پرڏيهي پاليسيءَ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون ڪري رهيا آهن. ان کان علاوه صدر پرابوو سوبيانتو جي قيام دوران ٻنهي ملڪن وچ ۾ واپار ۾ توازن، توانائي، صحت، تعليم ۽ سياحت ۾ تعاون وڌائڻ لاءِ ڪيترن ئي ايم او يوز تي صحيحون ڪيون ويون. پاڪستان ۽ انڊونيشيا جو گڏيل ڪردار ڏکڻ اوڀر ايشيا ۽ ڏکڻ ايشيا ۾ تڪرار گهٽائڻ ۽ خطي ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ اهم ٿي سگهي ٿو پاڪستان اڳ ۾ ئي آسيان جو اهم ميمبر آهي ۽ انڊونيشيا سان تعلق وڌائڻ سان پاڪستان ۽ آسيان جي وچ ۾ لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيندا.

انساني حقن جو عالمي چارٽر!

اڄ جي جديد دنيا جو سڀ کان وڏو مسئلو جيڪو قومن ملڪن ۽ سماجن جي بنيادن کي لوڏي رهيو آهي، اهو آهي انساني حقن جي ٿيندڙ بدترين لتاڙ ڪٿي مذهب ۽ عقيدي جي مقدس نالي تي حق تلفي ٿي رهي آهي، ڪٿي اقتدار، بادشاهي ۽ پنهنجي غلطيءَ وارن فيصلا کي صحيح ثابت ڪرڻ لاءِ ظلم ڪيو پيو وڃي، ڪٿي ذاتي مفادن جي تحفظ لاءِ انسان کي هيٺئين درجي جو سمجهيو پيو وڃي ۽ ڪٿي سياسيت، قبائلي طاقت يا حڪومتي جي نمائش لاءِ انسانيت کي روئاڙيو پيو وڃي پرساڳئي وقت دنيا ۾ وڌندڙ انساني شعور، علم، تعليم ۽ جديد فڪر انهن ئي آمرانه قوتن کي هر لمحي ۾ چئلينج ڪري رهيو آهي. ماڻهو اڳ کان وڌيڪ سوال ڪري رهيا آهن. وڌيڪ سوچين ٿا، وڌيڪ انصاف، آزادي ۽ وقار جو مطالبو ڪن ٿا. اها ئي سوچ ڪالهه يعني ڏهه ڊسمبر تي سڄي دنيا ۾ ملهائجي ويندڙ ”يونيورسل هيومن رائيٽس ڊي“ سان جڙيل آهي، جنهن ڏينهن 30 آرٽيڪلن تي مشتمل يونيورسل هيومن رائٽس ڊيڪليئريشن جي منظوري ڏني وئي هئي.

دنيا ۾ ٻئي عالمي جنگ ختم ٿيڻ کان پوءِ 1945ع ۾ ليگ آف نيشنز جي جاءِ تي 24 آڪٽوبر 1945ع تي گڏيل قومن (UN)جو ادارو قائم ٿيو جنگ جي تباهين انسانيت کي سيکاريو ته جيڪڏهن دنيا پيهر تباهه ٿيڻ کان بچائڻي آهي ته بنيادي انساني حقن جو تحفظ، شخصي آزادي، برابري ۽ سلامتيءَ کي بنيادي قانوني حيثيت ڏيڻ ضروري آهي انهيءَ پسمنظر ۾ انساني حقن جي عالمي چارٽر تي ڪم شروع ڪيو ويو ان مقصد لاءِ 8 رُڪني ڪميٽي قائم ڪئي وئي، جنهن ۾ دنيا جي اهم طاقتور ملڪن سان گڏ لبنان جي نمائندي ۽ سربراهه طور اڳوڻي آمريڪي صدر روزويلٽ جي زال ايلينور روزويلٽ شامل هئي. هڪ اهڙي عورت جنهن پاڻ کي عالمي امن، انساني وقار ۽ سماجي بهتريءَ لاءِ وقف ڪيو ڪميٽي پهريون مسودو سيپٽمبر 1948ع ۾ جنيوا ۾ پيش ڪيو ۽ پوءِ 10 ڊسمبر 1948ع تي پيرس ۾ هن عالمي دستاويز جي باقاعده منظوري ڏني وئي هيءَ صرف 30 آرٽيڪلن وارو چارٽر ناهي پر انساني تهذيب جي هزارين سالن جي فڪري ارتقا جو جوهر آهي ان جو بنياد يوناني فلاسفرن واري دور تائين وڃي ٿو. ويندي سقراط، ارسطو، افلاطون ۽ پوءِ رومن تهذيب جي قانون سازي تائين انهيءَ فڪري سفر کان پوءِ جديد دور جا وڏا مفڪر جان لاڪ، روسو، ڪانٽ، رسل جهڙا دانشور انساني آزادي، ضمير جي آزادي، سماجي معاهدي ۽ برابريءَ جا اصول قائم ڪيا. جن کان اهو چارٽر گهڻو متاثر آهي.

چارٽر جون تاريخي پاڙون 1215ع ۾ ميگنا ڪارٽا تائين وڃن ٿيون جنهن بادشاهه جي بي تاج بادشاهت کي پهريون دفعو چئلينج ڪيو هو ان کان اڳ 1037ع ۾ به برطانوي بادشاهه پارليامينٽ جي اختيارن کي تسليم ڪيو هو اڳتي هلي 1188ع ۾ حبسِ بيجا (Habeas Corpus)جو اصول تسليم ٿيو، يعني ڪنهن کي بنا سبب جي گرفتار نٿو ڪري سگهجي ۽ 1679ع ۾ ”بل آف رائيٽس“ منظور ٿيو جنهن بادشاهه جي مرضيءَ جي حڪمرانيءَ تي پابنديون لڳايون فرانسيسي انقلاب، آمريڪي آئين جارج واشنگٽن لنڪن ۽ جيفرسن هتان جديد انسان دوست قانون جو بنياد پيو. انهيءَ سڄي تاريخي تسلسل مان واضح ٿئي ٿو ته هي چارٽر قديم ۽ جديد تهذيب جو خوبصورت امتزاج آهي انساني حقن جو هي چارٽر جامد نه رهيو، وقت سان گڏ ان ۾ نئون شعور، نوان اصول ۽ نوان عالمي معاهدا شامل ٿيندا رهيا. جنيوا ڪنوينشنز ٻارن جا حق، عورتن جا حق، معذورن جا حق، مذهبي آزادي، سياسي حق ۽ ماحولياتي حق، سڀ هڪ وڏي ارتقائي سلسلي جا حصا آهن

اڄ دنيا جي مهذب، ڊيموڪريٽڪ ۽ لبرل سماج جو ايمان انسانيت آهي ۽ ان جو وڏو مقصد عالمي امن، انساني ترقي ۽ گڏيل ڀائپيءَ واري معاشري جو قيام آهي اهڙي فڪر لاءِ انساني حقن جو عالمي چارٽر هڪ بنيادي دستاويز آهي، جنهن کي ميمبر ملڪن لاءِ لاڳو ڪرڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي

گڏيل قومن تحت هي واحد دستاويز آهي، جنهن جو ترجمو 5 سئو کان وڌيڪ ٻولين ۾ ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌي به شامل آهي، ميمبر ملڪن تي لازم ڪيو ويو آهي ته ان کي نصاب ۾ شامل ڪن، ميڊيا ۾ ان جو تذڪرو ڪن، ادارن، عدالتن ۽ سرڪاري سطح تي ان جي تشهير ڪن، عوام کي حقن جي ڄاڻ ڏني وڃي،

افضال ريحان

بدقسمتيءَ سان اسان جي سماج ۾ انهيءَ چارٽر تي کُليل بحث جي اجازت گهٽ ڏني ويندي آهي، جڏهن ته اسان عالمي طور اهو معاهدو ڪري چڪا آهيون ته هن جي پيروي ڪنداسين. پهرئين آرٽيڪل ۾ چيو ويو آهي ته ’سڀئي انسان آزاد ۽ حقن ۽ وقار ۾ برابر پيدا ٿيا آهن. انهن کي ضمير ۽ عقل عطا ڪئي وئي آهي ۽ انهن تي ڀائپيءَ سان گڏ رهڻ فرض آهي.‘ اها انساني تهذيب جي سڀ کان وڏي سچائي آهي ته ڪو به انسان ٻئي کان گهٽ نه آهي، نسل، رنگ ۽ مذهب ڪنهن به انسان کي گهٽ يا وڏو نٿو بڻائي. ’هر انسان هن ڊڪليئريشن ۾ ڄاڻايل سڀ حقن جو برابر حقدار آهي، بنا ڪنهن به امتياز جي.‘ انساني برابري، آزادي، تحفظ، انصاف ۽ باعزت زندگيءَ جا اصول هن دستاويز جو شروعاتي نقطو آهن.

چارٽر ۾ ڪيترائي اهڙا اصول ٻڌايا ويا آهن. جيڪي اسان جي سماجي ڍانچي، روايتن، سماجي دٻاءَ، عقيدن يا قبائلي نظام سان سڌي طرح ٽڪرائجن ٿا. عورتن جي برابري، ذات پات جو خاتمو، سياسي آزادي، ضمير ۽ سوچ جي آزادي، پنهنجو پيشو، رهائش يا تعليم چونڊڻ جو حق، ٻارن جي تحفظ جا حق ۽ اقليتن جا حق ان حوالي سان اسان جي ملڪ ۾ مختلف وقتن تي بحث هلندو رهندو آهي، ٻئي طرف عالمي سطح تي اسان ان عمل ڪرڻ جا پابند آهيون. آئين معطل ٿئي ٿو پر انساني حق لاڳو رهن ٿا. سڄي دنيا ۾ اهو اصول مڃيل آهي ته جيڪڏهن ملڪ ۾ ايمرجنسي لڳائي وڃي، مارشل لا لاڳو هجي، آئين معطل ٿي وڃي، پوءِ به بنيادي انساني حق معطل نٿا ٿي سگهن اعليٰ عدليه جو فرض آهي ته اها انهن حقن جي حفاظت ڪري، اهي حق انسانيت سان لاڳاپيل آهن رياست سان نه.

هر قوم وٽ پنهنجيون رسمون ۽ رواج عقيدا ۽ ضابطا هوندا آهن پر جڏهن ڪو ملڪ گڏيل قومن جي پليٽ فارم تي انساني حقن جي عالمي منشور تي صحيحون ڪري ٿو ته پوءِ ان تي فرض بڻجي ٿو ته اهو پنهنجا اندروني قاعدا قانون عالمي اصولن سان هم آهنگ ڪري، انساني حقن خلاف پروپيگنڊا نه ڪري ۽ تعليم ۽ ميڊيا سميت سڀني ادارن ۾ انهن اصولن کي لاڳو ڪري. پر اسان وٽ حال اهو آهي ته انساني حقن جي ڳالهه ڪرڻ سان ئي ماڻهن تي ليبل لڳايا وڃن ٿا، انهن کي مشڪوڪ بڻايو وڃي ٿو جڻ ته انساني حق گهرڻ ڪو ڏوهه آهي. اسان ايڪيهين صديءَ جي چوٿين حصي ۾ ڪٿي بيٺل آهيون؟ جيڪڏهن اسان هن چارٽر کي مڪمل پڙهون ۽ پوءِ پاڻ کان سوال ڪريون ته اسان انصاف ۾ ڪيترا اڳتي آهيون؟ عورتن کي ڪيترو بااختيار ڪيو اٿئون؟ اقليتن کي ڪيترو تحفظ مليو آهي؟ شهري آزاديءَ جا حق ڪيترا محفوظ آهن؟ پوليس ۽ عدالتن جو نظام ڪيترو غيرجانبدار آهي؟ ٻارن کي ڇا مليو؟ تعليم سڀني لاءِ هڪجهڙي آهي؟ غربت ۽ معاشي برابريءَ جو ڇا حال آهي؟ اسان جي سماج ۾ هڪ وڏو غلط تاثر آهي ته انساني حقن جو خيال مغرب جي سازش مڃيو وڃي ٿو. اسان جي نوجوان نسل کي گهرجي ته اهي گڏيل قومن جي چارٽر کي پڙهن، هر آرٽيڪل جو مطالعو ڪن، رياستن جي ذميدارين کي سمجهن، شهري حقن بابت شعور پيدا ڪن ۽ ظلم، ناانصافي ۽ معاشرتي دٻاءَ خلاف آٿن ڇاڪاڻ ته جيڪي قومون پنهنجا بنيادي حق سڃاڻين ٿيون، اهي ئي اڳتي وڌن ٿيون. انساني حقن جو عالمي چارٽر انسانيت جي سڄي تاريخ جو خلاصو آهي. اهو ٻڌائي ٿو ته انسان ڇا آهي، ڇا هجڻ کپي ۽ سماج ڪيئن هجڻ گهرجي؟ جڏهن دنيا ’جيو ۽ جيئڻ ڏيو‘ جي اصول کي حقيقي شعور سان مڃيندي، تڏهن ئي انسانيت امن، ترقي ۽ اصل آزادي ڏانهن وڌندي.

ملڪ جون سياسي، سماجي ۽ معاشي حالتون!

ملڪ جي موجوده سياسي، سماجي ۽ معاشي تاريخ تي جيڪڏهن ڪنهن غيرجانبدار اک سان نظر وڌي وڃي ته سڀ کان پهرين جيڪي حقيقتون اوچتو پردي تان هٽيل نظر اچن ٿيون، سي اهي آهن ته هن ڌرتيءَ تي اقتدار، محلاتي سازشن، عوامي ضرورت وارين شين جي دائمي ڪوٽ ۽ اشرافيه جي گهاٽي جي وچ ۾ هڪ اهڙي ڏکي چڪر ۾ قائل رهيو آهي. جنهن ۾ عوام جا حقيقي مسئلا صدين کان قربانيءَ جو مال بڻجندا رهن ٿا. جڏهن به عام ماڻهو روزگار، پيٽ لاءِ اٽو، تعليم ۽ علاج جهڙي بنيادي ضرورت لاءِ آواز اُٿارڻ جي ڪوشش ڪئي، تڏهن وقت جا حاڪم ڪو نئون اِشو سامهون آڻيندا آهن ته جيئن عوام جو ڌيان پنهنجي حقن کان هٽي وڃي ۽ اشرافيه پنهنجي راند جاري رکي. ملڪي سياست جو الميو اهو آهي ته جنهن وقت عوام کي مضبوط ۽ باشعور قيادت جي سڀ کان گهڻي ضرورت هوندي آهي، ان وقت ئي اهڙي قيادت کي منظر تان جي سياسي سڃاڻپ نه پنهنجين ڪوششن جي نتيجي ۾ نهي، نه عوام جي محبت ۽ اعتماد جي بنياد تي پر ڳجهين قوتن ۾ ٿي اهڙن اڳواڻن وٽ ڏاهپ، سياسي بصيرت، عوام سان سچو تعلق ۽ نه ئي ملڪ جي معاشي يا سماجي مسئلن تي ڪا حقيقت هوندي آهي پر پوءِ به انهن کي قوم جي تقدير جو مالڪ بڻايو ويندو آهي ملڪي تاريخ ان ڳالهه جي شاهدي آهي ته جڏهن ڪو به اڳواڻ جيڪو قوم کي متحد ڪرڻ جي صلاحيت رکندو آهي، جنهن وٽ فڪر، جُرئت ۽ سچائي هوندي آهي، تڏهن ان اڳواڻ کي ختم ڪيو وڃي ٿو يا اهڙن بحرانن ۾ ڦاسايو وڃي ٿو جو ان جو آواز عوام جي ڪنن تائين نه پهچي سگهي هڪ طرف قوم جا نوجوان بيروزگاريءَ سبب نفسياتي دٻاءَ ۾ ورتل آهن، جڏهن ته

شاهد گل سمون

اها پنهنجي اصل مسئلن کان غافل ٿيو وڃي جڏهن ته اصل ۾ عوام بي روزگاريءَ جي ڪري پريشان آهي ته نوجوان مستقبل کان خوف ۾ ورتل آهن عورتون عدم تحفظ ۾ شڪار آهن ۽ عام ماڻهو هر ڏينهن معاشي باهه مان گذري رهيو آهي حڪمران طبقي ۾ ڪجهه خاندانن کان علاوه ڪو به ملڪي قيادت نٿو نکري ڏي، عوام جو ڪردار رڳو ووٽ ڏيڻ تائين محدود ڪيو ويو آهي ۽ ملڪ جي پاليسين تي فيصلو ڪرڻ جو حق چند ماڻهن تائين محدود آهي ماڻهو روز ڏسن ٿا ته ملڪ جو معاشي

سمجهڻ لڳن ٿا. ملڪ جي موجوده سياسي، معاشي ۽ سماجي صورتحال جو ڪنهن هڪ دور يا حڪومت جي ڪيل فيصلن جو نتيجو نه آهي پر اهو سالن کان هلندڙ طبقاتي ظلم، سياسي منافقت، معاشي استحصال، ادارتي ڪمزوري ۽ عوامي شعور کي دٻائڻ جو نتيجو آهي جڏهن ڪنهن قوم کي تعليم کان محروم ڪيو وڃي ٿو جڏهن لائبريريون خالي ۽ جيل ڀريا پيا هجن. جڏهن ٻارن جي اکين مان اميد بجاءِ خوف هجي، جڏهن عورتن کي حڪومتي پاليسين ۾ برابري جي جاءِ نه ملي سگهي، تڏهن قوم ڪمزور ٿئي ٿي ۽ مستقبل اونداهو ٿي وڃي ٿو پر باوجود ان جي قوم ۾ اڃا به اميد جي چمڪ باقي آهي عوام جيڪڏهن پنهنجي طاقت کي سمجهي، جيڪڏهن سياست جي چالبازين کي سمجهي ۽ پنهنجي حقن لاءِ متحد ٿي بيهي ته پوءِ ڪير ڪيترو به طاقتور چو نه هجي، عوام جو رستو نٿو روڪي سگهي قومن جي تاريخ ۾ تمام وڏيون تبديليون تڏهن آيون

روزاني عبرت

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج-I هالا

فيملي سوٽ نمبر 126 سال 2025

مسمات زيبو ڌيءُ مولا بخش ذات ملاحي رهندڙ ڳوٺ وي هالا نيو تعلقو هالا ضلعو مٽياري...پلينٽف..خلاف سليم پٽ موسو رهندڙ ڳوٺ الهه رکيو سولنگي ويجهو پينس ڪالوني تعلقو ۽ ضلعو حيدرآباد سيل نمبر 0308-2764279....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 12-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج-I هالا

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ

(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)

گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر 40 سال 2025

مسمات الهه بچائي بيواهه علي محمد ڪيريو رهندڙ ڳوٺ نيو بنو سڪرنڊ ...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) انيل احمد (2) مسمات حاجاڻي (3) مسمات شڪيلا (4) مسمات سيما سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم علي محمد ڪيريو (5) پبلڪ ايٽ لارج...آپونينٽس

نالي مٿين آپونينٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين شپ درخواست داخل ڪئي آهي مائنر نالي: (1) بيبي ملڪان (2) بي بي ريما (3) الهه ڏنو (4) بي بي صائمه (5) بي بي الهه وسائي جي گارڊين جي مقرري لاءِ. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ڪجي ٿو ته تاريخ 24-12-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول فيملي جج اينڊ جي.ايم-II سڪرنڊ

عام اطلاع

هر خاص و عام کي اطلاع ڪيو ٿو وڃي ته اسان جي معزز ڪلائينٽ عديل بن شاهد ولد سيد شاهد علي شناختي ڪارڊ نمبر: 41303-6879677-1 هڪ عدد پلاٽ نمبر C-47 ايراضي 100 چورس گز واقع سنڌ بورڊ آف روينيو ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي گل لطيف فيز-III جو سودو جناب رحمت خان ولد محمد خان شناختي ڪارڊ نمبر: 41304-2320300-3 سان طئي ڪيو آهي...

بقايا	35	ڪليل ڪچهري

مغيري، ايم پي اي ڳوڙهي خيرو مير ممتاز حسين جکراڻي ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد نواب سمير حسين لغاري، پي پي پي جي ضلعي صدر مير لياقت علي لاشاري، ميونسپل ڪاميٽي جي چيئرمين مير غلام عباس جکراڻي انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي سميت مختلف کاتن جا عملدار ۽ عام ماڻهون وڏي تعداد ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا	36	زيور برآمد

سميت چوري جي ٿيل واردات ڪانيءَ سي سي ٽي وي فوٽيج ذريعي ملزمن جي سڃاڻپ ٿي نوابشاهه پوليس لوڪيٽر ذريعي پنجاب واسي ٻن جوابدارن شفيق ڪوڪر ۽ حبيب الرحمن کي وڃن سميت گرفتار ڪري اڌ ڪلو چانديءَ جا زيور هٿ ڪيا هئا

...بدتميزي گارڪند صحافي غلام قادرخاصخيلي سان بد سلوڪي ڪرڻ خلاف ۽ سنڌس گهرواري جي ڊليوري بنيادي صحت مرڪز هيراڻي ۾ ٿي جنهن تي هن موجوده ليڊي ڊاڪٽرياڻي کي فيملي کي گهر ايمبولينس ۾ موڪلڻ لاءِ چيو جنهن تي ايمبولينس ڊرائيور صحافي غلام قادر خاصخيلي ۽ جي گهر واري سان بدسلوڪي بدتميزي ۽ گارڪند ڪئي ايمبولينس ڊرائيور جي اهڙي رويي جي جام نواز علي جي صحافين سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڊائريڪٽر PPHI ڊي ايڇ او ڊي ايم سانگهڙ ۽ ايم اين اي شازيا عطا مري کان گهر ڪئي ته ايمبولينس ڊرائيور خلاف ڪاروائي ڪري ٻيهر ڪو ڊرائيور رکيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو

بقايا	27	عهديدار چونڊيا

بقايا	22	ملاقات

موجود هئا، جن تنظيمي معاملن ۽ پنهنجي علائقن جا مسئلا اڳيان رکي ٻنهي اڳواڻن ڪارڪنن جا مسئلا ڌيان سان ٻڌا ۽ ڪين يقين ڏياريو ته پارٽي ڪارڪن ڌرجو سرمايو آهن ۽ سندن جائز مطالبن تي ترجيحي بنيادن تي ڪم ڪيو ويندو. ٻنهي اڳواڻن علائقي ۾ ترقياتي ڪم تيز ڪرڻ ۽ عوامي خدمت جا قدم وڌيڪ مؤثر بڻائڻ جو عزم ۾ ظاهر ڪيو.

بقايا	23	راشد خالد محمود

پهچي رهيو آهي ماڻهو مارجي رهيا آهن جمعيت علماءِ اسلام جي اڳواڻن مولانا محمد صالح انڍان حافظ عبدالحميد مهر مولانا امان الله سڪروڻي قاري لياقت علي مغل قاري نصرالله سڪروڻي قاري رفيق احمد بندهاڻي مفتي محمد اعظم مهر

...ڳالهائي ۾ صحت کاتي مٽياري جي پوليو بابت فوڪل پرسن ڊاڪٽر بابر بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته مٽياري ضلعي ۾ 15 ڊسمبر کان 19 ڊسمبر 2025ع تائين پوليو خلاف مهم شروع ڪئي پئي وڃي جنهن دوران ضلعي جي ٽنهي تعلقن جي ڪل 1 لک 82 هزار 850 ٻارن کي پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻا ويندا. ان مقصد لاءِ 604 ٽيمون جوڙيون ويون آهن جن ۾ 37 مقرر ٽيمون 545 گشتي ٽيمون ۽ ضلعي جي داخلي ۽ خارجي رستن تي 22 ٽيمون شامل آهن مهم جي موثر نگراني لاءِ 21 يوسي ميڊيڪل آفيسر ۽ 124 ايريا انچارج مقرر ڪيا ويا آهن گڏجاڻي ۾ واسطيدار عملدارن شرڪت ڪئي ان کان اڳ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر مٽياري سيد آصف حسين شاهه جي اڳواڻي ۾ تعلقه اسپتال مٽياري کان پريس ڪلب مٽياري تائين

PAKISTAN AIRPORTS AUTHORITY (PAA)

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي

واڪن جي دعوت

پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي (PAA) کي هيٺ ڄاڻايل ڪمن کي انجام ڏيڻ لاءِ اهل ڪانٽريڪٽرز کان مهربند واڪ گهربل آهن.

Sr #	NAME OF WORK	EARNEST MONEY	DATE & TIME OF SUBMISSION	DATE & TIME OF OPENING
01	RENOVATION OF TERMINAL BUILDING AT NAWABSHAH AIRPORT	750,000/-	07-01-2026 at 11:00 Hrs	07-01-2026 at 11:30 Hrs

شرط ۽ ضابطا:

صرف اهي لائسنس يافته ڪانٽريڪٽرز جيڪي (PEC) وٽ ڪيٽيگري C-5 يا ان کان مٿي ۾ رجسٽرڊ هجن درست/فعال اين ٽي اين مٿي ڄاڻايل ڪمن کي انجام ڏيڻ لاءِ ٽينڊر ۾ حصو وٺڻ جا اهل هوندا.

آڇون پي پي آر اي جي اي پيڊز پورٽل http://eprocure.gov.pk تي اليڪٽرانڪ طور تي جمع ڪرايا وڃن. جيڪي پي پي آر اي جي طرفان جاري ڪيل هدايتن جي مطابق هجن آڇون پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2004 اِي پاڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليشنز 2023 ۽ پي پي آر اي طرفان وقت بوقت جاري ڪيل ڪنهن به ضابطن، ريگيوليٽري گائيڊز پروڪيورمينٽ گائيڊ لائنز يا هدايتن جي تحت مجوزه في مرحلو هڪ لفافي جي طريقيڪار جي مطابق هوندي ۽ اي پيڊز ۾ رجسٽرڊ سمورن متوقع اهل واڪ ڏيندڙن لاءِ کليل آهي.

واڪ سيڪيورٽي جو اصل دستاويزي انسٽرومينٽ واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت تي جمع ڪرائڻ لازمي آهي سان گڏ EPADS تي جمع ڪرايل سان گڏ اسڪين ٿيل ڪاپي منسلڪ هئڻ گهرجي.

جيڪڏهن پي آرڊر /بينڪ ڊرافٽ جي صورت ۾ واڪ سيڪيورٽي منسلڪ نه آهي يا ڪا غلط معلومات/دستاويز فراهم ڪيو ويو هجي ته اهڙيون آڇون غور قابل نه هونديون. واڪ سيڪيورٽي بحق پي اي اي ڊولپمينٽ هئڻ گهرجي.

شرطيه آڇون قابل قبول نه هونديون. جيڪڏهن آڇون ڏيندڙ درست/تشخيص ٿيل رقم سان اختلاف ڪندو ته ان جي آچ کي رد ڪيو ويندو ۽ واڪ سيڪيورٽي ضبط ڪئي ويندي. پي پي آر اي رول 33 جي مطابق پي اي اي ڪنهن به يا سمورين آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

نبيهه: جيڪڏهن واڪ ڏيندڙن يا ٺيڪيدارن پاران بطور واڪ سيڪيورٽي يا بينڪ گارنٽي پيش ڪيو ويو پي آرڊر /بينڪ ڊرافٽ يا ڪنهن به قسم جي مالياتي ضمانتي دستاويز بينڪ /مالياتي اداري پاران رد ڪيا ويا ته لاڳاپيل واڪ ڏيندڙ يا ٺيڪيدار کي بليڪ لسٽ ڪيو ويندو ۽ ملڪي قانون تحت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

ڊويزنل انجنيئر اي ايس (سول)

CATI ڊويزن حيدرآباد ايئرپورٽ. ٽيليفون: 022-9260334

PID K-2039/25

www.paa.gov.pk

سجاول ۾ صوبائي وزير شاهينا شير جي عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري

ڪلي ڪچهري ۾ صحت، تعليم، روزگار، بنيادي سهولتن، منشيات خاتمي بابت شڪايتون

ڪلي ڪچهري جو مقصد عوام جا مسئلا ٻڌي، انهن کي وزيراعليٰ سنڌ تائين پهچائڻ ۽ حل ڪرائڻ آهي:شاهينا شير علي

گرين، پنڪ ۽ پيپلز بس سروس جيان سجاول ۾ به ٽرانسپورٽ جي فراهمي لاءِ ٽرانسپورٽ واري وزير کي درخواست ڪئي ويندي

سجاول (ڊ ر) عورتن جي ڀلائي واري کاتي جي صوبائي وزير شاهينا شير علي جي صدارت هيٺ شايان بينڪوئيٽ سجاول ۾ کلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ضلع سجاول جي عوام طرفان صحت، بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سجاول: صوبائي وزير شاهينه کليل ڪچهري ۾ عوام جا مسئلا ٻڌي رهيا آهن

قاضي احمد ۾ ڳوٺاڻن جو زمين تي قبضي خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

قاضي احمد(ن ع) قاضي احمد لڳ ڳوٺ ٻيڙو سراڙي جي رهواسي حاجي قربان ڪوسو تعلقا پريس ڪلب ۾ پهچي احتجاج ڪندي احتجاج ڪندي چيو ته اسان جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي لڳ پسند جو پرڻو ڪندڙ ناري پاءُ هٿان بيدردي سان قتل

ڳوٺ اسماعيل ملاح ۾ جوابدار پاءُ نظير ملاح چاڪو جا وار ڪري جنت ملاح کي ماري ڇڏيو

اطلاع تي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي لاش ڪٺائي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو

پوليس جوابدار گرفتار ڪري ورتو، ناري ڪجهه ڏينهن اڳ پسند جي شادي ڪئي هئي، جان کي خطرو هو

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي لڳ ڏيرو فارم جي ڳوٺ اسماعيل ملاح ۾ پيار جو پرڻو ڪندڙ نوجوان ناري پاءُ هٿان چاڪو جا وار ڪري بيدردي سان قتل. پسند جو پرڻو ڪندڙ 20 سالا نوجوان ناري جنت ملاح کي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

چوهڙجمالي: فوت ٿيل پيرسن جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

چوهڙ جمالي: ماهي گير محمد ابراهيم جي قتل بعد وارث انصاف ۽ مدد کان محروم

سمنڊ ۾ فائرنگ سبب محمد ابراهيم جتوئي قتل ٿي ويو هو پر اڃا تائين قاتل گرفتار نہ ٿيا

ڇهن معصوم ٻارن جو والد واحد سهارو هو متاثر خاندان ڪسمپرسي زندگي گذارڻ تي مجبور

چوهڙجمالي (ن ع) چوهڙجمالي واسي ماهي گير جيڪو ڪجهه عرصو اڳ سمنڊ ۾ مڇي جي شڪار دوران اڻڄاتل فائرنگ سبب قتل ٿي ويو مقتول جي وارثن کي اڃان تائين انصاف ۽ يتيم ٻارن جي ڪفالت يا مالي مدد نہ ملي سگهي آهي، متاثر خاندان ٻاران اعليٰ حڪام کان فوري بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

جروار ويجهو پيار جي پرڻي تان هلندڙ تڪرار تان پيءُ جي سامهون نوجوان پٽ قتل

ڊرب ڏيڏري پرسان هٿيارٻندن 5 سال اڳ پرڻو ڪندڙ نوجوان جنيد لنڊ گوليون هڻي فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

پٽ برادري جي عورت رفت لنڊ سان پنج سال اڳ پرڻو ڪيو هو جنهن تان ظالمن قتل ڪيو آهي: پيءُ

ميرپورماٿيلو(ن ع)جروار ويجهو پيار جي پرڻي تان هلندڙ تڪرار تان پيءُ جي سامهون نوجوان پٽ قتل. يارولنڊ ڪان پنهنجي ڳوٺ ويندڙ پيءُ پٽ کي هٿيارٻندن روڪي پيءُ جي سامهون پٽ کي گوليون هڻي قتل ڪيو. مقتول جو وڏو ڀاءُ نيڪ محمد لنڊ ۽ ناري رفت لنڊ سان پنج سال اڳ پيار جي پرڻي تان چڪتاڻ هلندڙ هئي تفصيل موجب جروار ويجهو ڳوٺ واحد بخش لنڊ بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

بدين ۾ ڪرپشن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي واڪ

ضلعي انتظاميا ۽ اينٽي ڪرپشن کاتي پاران ريلي ڪڍي وئي

بدعنواني معاشري جو اهڙو ناسور آهي جيڪو ادارن کي اڏوهي جيان کائي رهي آهي:اڳواڻ

بدين (ڊ ر) ڪرپشن خلاف عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان ضلعي انتظاميا بدين ۽ اينٽي ڪرپشن کاتي بدين پاران ڊي سي آفيس کان شهيد محترمه بينظير ڀٽو چوڪ تائين ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون ڪاشف رضا منگي ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي ڪرپشن محمد علي خواجه جي اڳواڻي ۾ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ۾ مقامي ڪمپني طرفان اڇلايل ڪيميڪل پائوڊر کائڻ سبب 5 مينهون مري ويون

گلوڪوز ڪمپني جو گندو ڪيميڪل پائوڊر آبادي وارن علائقن ۽ جانورن جي چراگاهن واري هنڌ تي اڇليو ويو

ڪيميڪل وارو پائوڊر کائڻ سبب بيواهه عورت جون ٽي مينهون ۽ هڪ پورهيت جون 2 مينهون مري ويون

ڪيترن ئي پاڳين جي چوپائي جانورن جي حالت پڻ خراب ٿي وئي، رهواسين پاران اڄ احتجاجي مظاهري جو اعلان

ملز انتظاميہ خلاف سخت ڪارروائي ڪري مقامي ماڻهن سان انصاف ڪيو وڃي: متاثرن جو مطالبو

نوري آباد(رپورٽ: شمس پالاري) نوري آباد جي گلوڪوز ڪمپني سان گندو ڪيميڪل پائوڊر مقامي ماڻهن جي آبادي وارن علائقن ۽ چوپائي جانورن جي چراگاهن واري هنڌتي اڇليو ويو جنهن سبب هڪ مسڪين بيواهه بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ڪاريگر ڪمند مان ڳُڙ تيار ڪري رهيا آهن

ننگرپارڪر ۾ هيومن رائٽس آف سنڌ پاران خودڪشين جي روڪ ٿام لاءِ سيمينار منعقد

هندو ڪميونٽي ۾ خودڪشيون گهٽيون ٿين ٿيون، ان جو سبب هندن ۾ ديني تعليم گهٽ آهي:راجوير سنگهه

جيڪر خودڪشي ڪري ٿو ان کي سنڌ گورنمينٽ نٿي بچائي سگهي اسين صرف ماڻهن کي سڄاڳي ڏيئي سگهون ٿا:برجي ڪولهي

اسان سڀني گڏجي ننگرپارڪر سميت سموري ٿرپارڪر ۾ ماڻهن کي خودڪشين کان روڪڻ لاءِ سنڌن ڪائونسلنگ ڪنداسين: عباس ڪوسو

ننگرپارڪر (ن ع) ننگرپارڪر ۾ هيومن رائٽس آف سنڌ پاران خودڪشين جي روڪ ٿام لاءِ سيمينار ڪوٺايو ويو اسپيشل اسسٽنٽ وزيراعليٰ سنڌ راجوير سنگهه سوڍو سيمينار کي خطاب ڪندي چيو ته بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

پوليو حساس بيماري آهي پوليو ۾ وروتل مريض جو ڪو به علاج ناهي:ڊپٽي سي مٽياري

ان جو واحد علاج پنهنجي ٻارن کي ان بيماري کان اڳ پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ آهي

ضروري آهي پنهنجي ايندڙ نسل کي معذوري کان بچائڻ لاءِ پوليو مهم کي ڪامياب بڻايون

مٽياري (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ چيو آهي ته پوليو کي حساس بيماري نہ سمجهڻ وڏي غلطي آهي ڇاڪاڻ ته پوليو وروتل مريض جو ڪو به علاج ناهي ان جو واحد علاج پنهنجي ٻارن کي ان بيماري کان اڳ پوليو کان بچاءَ جا ڦڙا پيارڻ آهي انهن خيالن جو اظهار هن اڄ لطيف هال بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ملڪاڻي شريف ۾ رئيس منظور علي پتافي جي قتل تي ذوالفقار مرزا جي تعزيت

رئيس منظور پتافي جي قاتل قاتل عبدالجبار پتافي پوليس وٽ پهچي گرفتاري ڏئي ڇڏي

بدين (ڊ ر) اڳوڻي گهرو وزير ڊاڪٽر ذوالفقار علي مرزا ٽي ڏينهن اڳ ملڪاڻي شريف پرسان پاٽائي جي هٿان گوليون هڻي قتل ڪيل ناميارې زميندار ۽ مرزا گروپ جي اڳواڻ رئيس منظور علي پتافي جي قتل تي سندس پٽ ۽ ٻين عزيزن سان ملڪاڻي شريف ۾ سندس تڏي تي پهچي تعزيت بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

راڌڻ: روڊ حادثي جو شڪار ٿيل ڪار ۽ موٽرسائيڪل

دادو ۾ صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جي رفيق احمد جمالي سان ملاقات

ملاقات ۾ سياسي صورتحال ترقياتي منصوبن ۽ عوامي فلاح بابت تفصيلي مشاورت

پارٽي ڪارڪن سرمايو آهن ۽ سندن جائز مطالبن تي ترجيحي بنيادن تي ڪم ڪيو ويندو:محمد ملڪاڻي

دادو(ڊ ر) صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي جمالي هائوس ۾ قومي اسيمبلي جي رڪن سردار رفيق احمد جمالي سان اهم ملاقات ڪئي، جنهن ۾ ضلع ڄامشورو جي سياسي صورتحال جاري ترقياتي منصوبن ۽ عوامي فلاح بابت تفصيلي مشاورت ڪئي وئي. ملاقات دوران پارٽي عهديدار ۽ ڪارڪن به بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

قبائلي جهڳڙن جي ڪري سنڌ کي سخت نقصان پهچي رهيو آهي: راشد خالد محمود

حڪومت کي فوري طور تي تڪرار ۾ ملوث سردارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ گهرجي

جي يو آءِ هميشه ملڪ جي سلامتي، خوشحالي ۽ عوامي مفادن لاءِ جدوجهد ڪئي آهي

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماءِ اسلام سنڌ صوبي جي سيڪريٽري جنرل علامه راشد خالد محمود سومرو سنڌ جي موجوده صورتحال تي پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته قبائلي جهڳڙن سنڌ جي ماڻهن کي پريشان ڪيو آهي قبائلي جهڳڙن جي ڪري سنڌ کي سخت نقصان بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ کليل ڪچهري، شهرين جي سخت احتجاج تي ڄامشورو ۾ شراب جو دڪان بند ڪرڻ جو حڪم

صوبائي وزير مکيش چاولا، ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر شورو عاجز ڌامراهه، حنا دستگير ۽ ٻين کليل ڪچهري ڪئي

شهرين پاران صاف پيئڻ جي پاڻي جي کوٽ، ڊرينيج سسٽم جي تباهي، منشيات فروشي ۽ بدامني جون دانهون

اسڪولن ۾ ڪتابن ۽ فرنيچر اسپتال ڪوٽڙي دوائن ۽ ايمبولينس جي کوٽ سميت ٻيا مسئلا پيش

حڪومتي نمائندن پاران مسئلا حل ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل کاتن کي فوري هدايتون پڻ جاري ڪيون

ڄامشورو/ ڪوٽڙي (رپورٽ: عرفان برفت/ حسين شورو) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڄامشورو ۾ عوامي کليل ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ايڪسائيز ٽيڪسيشن اينڊ نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي واري صوبائي وزير مکيش ڪمار چاولا، پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر شورو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ لاڏاڻو عورت وڪري لاءِ روڊ تي پکي رکي ويٺل آهي

سکرنڊ: ٻارن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي شاگرديائيون تقريب ۾ ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

لوٽي ڪوٽ پرسان وڏيڪ هڪ نامعلوم شخص جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو

پوليس پهچي لاش ڪوٽڙي اسپتال ڪٺائي وئي، سڃاڻپ نہ ٿيڻ ڪري سرد خاني منتقل

ساڳئي هنڌ تان هڪ هفتي اندر ٻيو لاش هٿ اچڻ تي علائقي واسين ۾ خوف هراس پکڙجي ويو

نوري آباد(ن ع) لوٽي ڪوٽ ٿاڻي جي حد ۾ 35ميل پرسان موٽروي روڊ جي ويجهو وڏيڪ هڪ نامعلوم شخص جو تشدد ٿيل لاش هٿ آيو اهڙي اطلاع تي پوليس پهچي لاش ضروري ڪارروائي لاءِ ڪوٽڙي بلاول اسپتال نيو ويو جتي ضروري ڪارروائي بعد لاش جي سڃاڻپ نہ ٿيڻ ڪري سول اسپتال بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو اغوا ٿي ويل شاگرد جي بازيابي لاءِ وارثن ڪاليج جي استادن شاگردن جو احتجاجي مظاهرو

مظاهرين سڄڻ خان سابقي، شاهنواز خان سابقي، حضور بخش، امام بخش، حافظ اختر، سائين بخش ۽ ٻين احتجاج ڪيو

علائقي ۾ بدامني جون واقعا بنجي ويا، اعليٰ عملدار نوٽيس وٺي عمران سابقي کي آزاد ڪرائي امن بحال ڪرائين: مظاهرين

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو ويجهو ڳوٺ نواب سابقي کان ڪاليج ويندي اغوا ٿي ويل نوجوان شاگرد عمران سابقي جي بازيابي لاءِ وارثن، ڪاليج جي استادن شاگردن سول سوسائٽي جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي سڄڻ خان سابقي، شاهنواز خان بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

سول اسپتال ٽنڊوالهيار ۾ پوليو مهم جي حوالي سان آگاهي ريلي

اسان جي ڪوشش آهي ته پوليو مهم دوران ڪو به ٻار رهجي نہ وڃي:ڊي سي

ضلعي اندر هڪ لک 90 هزار ٻار آهن جن کي پوليو جا ڦڙا پيارا ويندا

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي ڊپٽي ڪمشنر نور مصطفيٰ لغاري پاران سول اسپتال ۾ پوليو جي حوالي سان آگاهي واڪ ڪري ٻارن کي ڦڙا پيارڻ ايندڙ مهم جو افتتاح ڪري ڇڏيو خبر موجب سول اسپتال ٽنڊوالهيار ۾ پوليو مهم جي حوالي سان آگاهي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڊي سي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ: گرفتار جوابدار پوليس جي حراست ۾ بيٺل آهن

ڦلجي اسٽيشن ۾ بي ايڇ يو ڊاڪٽر کان محروم، مريض علاج بنا واپس

ڊاڪٽر جي بدلي بعد نئون ڊاڪٽر مقرر نہ ٿيڻ سبب مريض پريشاني ۾ مبتلا

مريض مهانگي نجي اسپتالن مان علاج ڪرائڻ تي مجبور، ڊاڪٽر مقرر ڪرڻ جي گهر

ڦلجي اسٽيشن (ن ع) ڦلجي اسٽيشن شهر ۾ بي ايڇ يو سينٽر ۾ گذريل 15 ڏينهن کان ڊاڪٽر نہ هجڻ ڪري اسپتال ۾ ايندڙ مريض بغير علاج جي واپس موٽڻ لڳا ڦلجي شهر ۽ ڀرپاسي جي علائقن جا ماڻهو صحت جي بنيادي سهولت کان محروم بڻيل اسپتال ۾ ايندڙ مريض ڊاڪٽر نہ هجڻ بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ٻارڙن کي پوليو کان بچائڻ اسان سڀني جي قومي ذميواري آهي:ڊي سي بدين

15 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم لاءِ سمورا انتظام مڪمل آهن

پوليو جهڙي موذي مرض کان ٻارڙن کي بچائڻ لاءِ والدين کي آگاهي ڏيڻ ضروري آهي

بدين (ڊ ر) 15 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم جي ريڊينيس گڏجاڻي ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي جي زير صدارت ڪميٽي روم ۾ منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين چيو ته 15 ڊسمبر کان شروع ٿيندڙ پوليو کان بچاءَ واري قومي مهم لاءِ بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

بلاول ڀٽو جي هدايتن تي ملي ۾ عوامي مسئلن جي حل لاءِ کلي ڪچهري منعقد

ڪلي ڪچهري ۾ عوام پاران صحت، تعليم، روينيو پاڻي ۽ صفائي بابت شڪايتون

ڪلي ڪچهري منعقد ڪري عوامي شڪايتون حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي:احسان مزاري

ملي (ڊ ر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه جي هدايتن تي سرڪٽ هائوس ملي ۾ ڪلي ڪچهري منعقد ڪئي وئي. منعقد ڪيل ڪلي ڪچهري ۾ صوبائي صلاحڪار احسان رحمان مزاري عوام سان ملاقات ڪندي سندن شڪايتون بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

راڌڻ ويرو لڳ ڪار جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر، ٻه عورتون فوت ۽ ٻه مرد سخت زخمي

خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تي پيش آيل حادثي ۾ نصيبان زال اعجاز ۽ ڏياڻي زال متو فقير ٿڏي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي طفيل، ميتهم پٽ متو فقير شنباڻي ۽ لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا

لاش گمس اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، زخمين جو علاج هلندڙ

راڌڻ ويرو(رپورٽ: قربان علي گلال) راڌڻ ويرو پرسان خيرپور لاڙڪاڻو روڊ تي ڪار جو موٽر سائيڪل کي زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ٻه عورتون نصيبان زال اعجاز علي شنباڻي عمر پنجاهه سال ڏياڻي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ضلعي ۾ هر قسم جي غيرقانوني سرگرمين جي روڪٿام لاءِ ادارا پنهنجو ڪردار ادا ڪن: ڊي سي گهوٽڪي

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي منظور احمد ڪنراني جي صدارت هيٺ سنڌس آفيس ۾ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن ڪاميٽي جي اعليٰ سطحي بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ڊپٽي ڪمشنر منظور احمد ۽ ايس ايس پي انور کيتران جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

خانپورمهر ۽ ڀرپاسي ۾ بدامني خلاف جي يو آءِ پاران ٿاڻي اندر ڌرڻو هڻي احتجاج

ڪارڪنن حبيب الله خان گبول، جميل احمد مهر، محمد امين گڏاڻي ۽ احتجاج ڪيو

ايس ايڇ او جي مقرري بعد بدامني وڌي وئي آهي، بار بار شڪايتون باوجود ڪو به تدارڪ نہ پيو ٿئي

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وڌندڙ بدامني خلاف جي يو آءِ تعلقه خانڳڙهه جي ڪارڪنن هٿن ۾ جهنڊا ۽ بينر کڻي جلوس ڪڍي خانپورمهر ٿاڻي اڳيان ڌرڻو هنيو احتجاج جي اڳواڻي حبيب الله خان گبول، جميل احمد مهر، محمد امين گڏاڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا، احتجاج ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوغلام علي جو نوجوان ڪراچي ۾ ڪم ڪندي پريسنگ مشين ۾ اچي فوت

ٽنڊوغلام علي(ن ع) ٽنڊوغلام علي شهر جو نوجوان پورهيت حاڪم لغاري ڪراچي ۾ ڪيڙي جي فيڪٽري اندر ڪم ڪندي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

قاضي احمد: فوت شخص جو لاش اسپتال ۾ پيل آهي

باقراڻي ۾ هڪ مهيني کان اسسٽنٽ ڪمشنر جي ڪرسي خالي پيل، مقرري نہ ٿي

اي سي نظام الدين جتوئي جي رٽائرڊ ٿيڻ کانپوءِ اي سي مقرر نہ ٿيو ڪاتيدار ۽ شهري سخت پريشان

ڪاتيدارن جا ڪم رولڙي جا شڪار، حڪومت ۽ روينيو کاتي ڪو به نوٽيس نہ ورتو

باقراڻي(ن ع) باقراڻي جي روينيو آفيس ۾ گذريل هڪ مهيني کان اسسٽنٽ ڪمشنر مقرر نہ ٿي سگهيو جنهن سبب تعلقي جي هزارين ڪاتيدارن توڙي شهرين جا مسئلا ۽ ڪم ڪار رولڙي جو شڪار بڻيل آهن جڏهن ته ان سلسلي ۾ مليل معلومات موجب باقراڻي روينيو آفيس ۾ اڳوڻي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 2 ڄڻا فوت، ٻارن سميت 2 زخمي

علي مهر روڊ تي غلام رسول سنڌس نياڻي زهران، نينگر عمران پتافي ۽ واحد بخش مهر زخمي ٿي پيا

زخمين کي اسپتال نيو پيو ته رستي ۾ غلام رسول پتافي ۽ اسپتال ۾ واحد بخش مهر فوت ٿي ويا

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر ويجهو علي مهر روڊ تي ڳوٺ خدا بخش مهر وٽ ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر ٿي پيو حادثي جي نتيجي ڳوٺ ترڪ علي پتافي واسي غلام رسول پتافي، سنڌس نياڻي زهران،نينگر عمران پتافي ۽ نوجوان واحد بخش مهر زخمي ٿي پيا جن کي خانپورمهر جي اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمي غلام رسول بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم پوليس خلاف رهواسين جو احتجاج 6 ڄڻن کي گرفتار ڪري گم ڪرڻ جو الزام

سستي بستي واسين پيرسن عورت ڇڳي زال لکمير، محمد علي، مولابخش ڀهلڪاڻي ٻارڙن سميت احتجاج ڪيو

پوليس گهر تي هلان ڪري درگاهي، عظيم، گل بهار، علي نواز، مير هزار ۽ فقير بخش کي ڪنهن گم ڪيو آهي: مظاهرين

خدشو آهي ته پوليس اسان جي ماڻهن کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي ماري نہ ڇڏي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي سستي بستي جي رهواسين پيرسن عورت ڇڳي زال لکمير ڀهلڪاڻي ، محمد علي ڀهلڪاڻي مولابخش ڀهلڪاڻي ٻارڙن سان گڏجي پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪندي ڏانهيو آهي ته پوليس موبائلن ۾ سوار اهلڪارن اسان جي گهر تي هلان ڪري 6 ڄڻن درگاهي ڀهلڪاڻي ، محمد عظيم ، گل بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو پاران کليل ڪچهري منعقد

روڊس کاتي، واپڊا ۽ سوئي گئس سميت مختلف کاتن جي عملدارن خلاف شڪايتون

کليل ڪچهري ۾ جيڪي به مسئلا ٻڌا آهن انهي ڪوشش ڪري جلد حل ڪنداسين:جام اڪرام الله ڌاريجو

جيڪب آباد (ڊ ر) سنڌ حڪومت جي هدايتن تي ضلعي انتظاميه پاران عوامي مسئلن جي حل لاءِ جيڪب آباد جي ڊي سي آفيس ۾ صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو جي صدارت هيٺ کليل ڪچهري رکي وئي جنهن ۾ جيڪب آباد مان چونڊيل پي پي پي ايم پي اي شير محمد بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ ۾ سونار جي دڪان مان وڏي چوري ڪيس ۾ پنجاب واسي ٻه جوابدار گرفتار، چاندي جا زيور برآمد

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ ۾ 24 ڏينهن اڳ عائشه مارڪيٽ ۾ مدهن سونار جي دڪان ۾ رکيل تجوري، چاندي جي زيورن بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: صوبائي وزير جام اڪرام الله ڌاريجو ۽ ٻيا کليل ڪچهري ۾ شريڪ آهن

ٺاروشاه روزاني عبرت جي عيوضي فقير ارشاد علي سيوهاڻي جي چاچي لاڏاڻو ڪري وئي

ٺاروشاه (ن ع) ٺاروشاه روزاني عبرت جي عيوضي سينيئر صحافي پريس ڪلب ٺاروشاه جي باني رڪن فقير ارشاد علي سيوهاڻي جي چاچي ڪجهه عرصو علالت بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٺاٺوبولاخان: مچ ڪچهري ۾ فنڪار پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري رهيو آهي

ٺاٺي احمد خان ۾ مچ ڪچهري جو منعقد، انقلابي ۽ صوفي ڪلامن تي جهومريون

النور ڊيوناٽي اوطاق تي ڪوهستان شعوري سٿ پاران شاندار پروگرام منعقد ڪيو ويو

تقريب ۾ پ پ ميناريٽي ونگ سنڌ جي صدر ڊاڪٽر لال چند اڪراڻي خصوصي شرڪت ڪئي

ٺاٺوبولاخان (ن ع) ٺاٺي احمد خان ۾النور ڊيوناٽي اوطاق تي ڪوهستان شعوري سٿ پاران شاندار مچ ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ ڪوهستان جي سري، ٺاٺوبولاخان ، سول ۽ ٻين علائقن کان آيل ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري مزو ماڻيو جڏهن ته تقريب ۾ ڪوهستان جي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٻاڊهه پرسان اکين جي علاج جي مفت ڪئمپ، 100 کان وڌيڪ مريضن جا آپريشن

ڳوٺ پير بخش بروهي ۾ برادري جي نيڪ مرد مير عطاءالله زهري پاران ڪئمپ لڳائي وئي

ڪئمپ تي مريضن جا مفت آپريشن ڪري ڪين لينس، چشما ۽ دوائون پڻ ڏنيون ويون

ٻاڊهه (ن ع) ٻاڊهه پرسان ڳوٺ پير بخش بروهي ۾ برادري جي نيڪ مرد مير عطاءالله زهري پاران مير قادر بخش بروهي ۽ مير خدا بخش بروهي جي ياد ۾ ڊي سوسائٽي آف پريوينشن اينڊ ڪيور آف بلائينڊنيس جي تعاون سان مفت اکين جي ڪئمپ لڳائي وئي ڪئمپ جو افتتاح مير محمد بخش بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

ٺاروشاهه ۾ روزاني عبرت جي سٿ تي مچ ڪچهري ۽ صوفيائي محفل منعقد ڪئي وئي

ٺاروشاهه(ن ع) ثقافت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ روزاني عبرت پاران مچ ڪچهري جو پروگرام منعقد ڪيو ويو هن سال وانگر ثقافت ڏهاڙي کي اجاگر ڪرڻ لاءِ روزاني بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر ۾ ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف 16 ڏينهن به بک هڙتال جاري

ننگرپارڪر(ن ع) سموري دنيا ۾ جبلن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو ننگرپارڪر واسين به جبلن جي عالمي ڏينهن تي ڪارونجهر جبل سان محبت ڪرڻ لاءِ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ننگرپارڪر: ڪارونجهر جي ڪٽائي خلاف لڳايل بک هڙتال جو ڪيمپ

مورو ۾ عورت جو ٻارن سان گڏجي بااثر جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

مورو (ن ع) مورو پريس ڪلب اڳيان مسمات غلام فاطمه زال الهه بچايو زرداري پنهنجي معصوم ٻارڙن سان گڏ ڪاڪ ڪتاب ڪئي انصاف جي لاءِ احتجاجي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

جام نوازعلي جي صحافين جو پي پي ايڇ آءِ جي ڊرائيور خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

جام نوازعلي (ن ع) جام نوازعلي بنيادي صحت مرڪز پيپلز PPHI جي ايمبولينس ڊرائيور دلشير خاصخيلي پاران بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڪورواهه ۾ جيئي سنڌ قومي پارٽي جو يونٽ قائم، نوان عهديدار چونڊيا ويا

صديق انصاري يونٽ صدر، آزاد چانڊيو سيڪريٽري ۽ عبدالوهاب چانڊيو نائب صدر منتخب

ڪورواهه(ن ع) جيئي سنڌ قومي پارٽي پاران ڪورواهه ۾ يونٽ قائم ڪري عهديدار چونڊيا ويا، خبر موجب جيئي سنڌ قومي پارٽي جي گڏجاڻي پارٽي چيئرمين نواز خان زئور جي صدارت هيٺ پريس ڪلب ڪورواهه ۾ ٿي گڏجي جنهن ۾ قومي پارٽي جو يونٽ قائم ڪري عهديدار چونڊيا ويا جنهن موجب بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5



هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.